روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڀهريون) اڱارو 04 اپريل 2023ع بمطابق 13 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 311

چونڊن لاءِ صرف فوج جي ڳالھ نہ پيا ڪريون، ايئر فورس ۽ نيوي جو بہ ٻڌايو وڃي: چيف جسٽس

جيڪڏهن اسان جي فوج حساس جڳھين تي مقرر آهي تہ اسان کي هنن ٻنهي جي باري ۾ بہ ٻڌايو وڃي. هٿياربند فورسز ۾ نيوي ۽ فضائيہ بہ شامل آهن: عمر عطا بنديال

اوهان کي چونڊن جي لاءِ ڪيتري سيڪيورٽي گهرجي؟ جيڪي حساس شيون آهن انهن کي چيمبر ۾ ٻڌي وٺنداسين: چيف جسٽس جو دفاع واري سيڪريٽري کان پڇاڻو

پنجاب ۾ سيڪيورٽي بابت ان چيمبر بريفنگ ڏينداسين. اسان عدالت ۾ ڪجھ ڳالهايو تہ دشمن ڄاڻ کي ليڪ ڪري سگهن ٿا: دفاع وارو سيڪريٽري

منهنجي راءِ موجب هن وقت سيڪيورٽي جو معاملو ڇڏڻ گهرجي، جنهن تي چيف جسٽس پڇيو تہ چونڊن لاءِ سيڪيورٽي ڪير ڏيندو؟: وڪيل تحريڪ انصاف علي ظفر

اسان پنهنجي فوج کي ڪنهن بہ مشڪل ۾ وجھڻ نٿا چاهيون. حساس آپريشن ٿيندا آهن. اسان کا بہ ڄاڻ ليڪ ٿيڻ نہ ڏينداسين: جسٽس اعجاز الاحسن

تفصيلي بريفنگ عدالت کي ان چيمبر ڏينداسين تفصيلي رپورٽ بہ عدالت کي چيمبر ۾ پيش ڪنداسين: دفاع وارو سيڪريٽري

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال چيو آهي تہ چونڊن جي لاءِ صرف فوج جي ڳالھ نہ پيا ڪريون، ايئرفورس ۽ نيوي جو بہ ٻڌايو وڃي. پنجاب ۽ خيبرپختونخواھ ۾ چونڊن جي تاريخ بابت ٻڌڻي دوران چيف جسٽس عمر عطا بنديال چونڊن دوران سيڪيورٽي فورسز جي مقرري بابت ريمارڪس ڏنا تہ اسان صرف فوج جي ڳالھ نہ پيا ڪريون. هٿياربند فوج ۾ ايئرفورس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال _(فائيل فوٽو)

مريم نواز خلاف توهين عدالت جي درخواست جي ٻڌڻي دوران دليل طلب

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ مريم نواز خلاف توهين عدالت جي درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس باقر ناجي مريم نواز خلاف توهين عدالت جي اپيل تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن ۾ درخواستگذار موقف اختيار ڪيو تہ مريم نواز سرگودا جلسي ۾ عدليہ جي توهين ڪئي. ٻڌڻي دوران جسٽس باقر نجفي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آءِ ايم ايف جي شرطن حڪومت جا هٿ پير ٻڌي ڇڏيا آهن: وزيراعظم شهباز شريف

حالتون گهڻيون خراب آهن پر اسان جي نيت صاف آهي. حالتون بهتر ٿينديون منهنجو ايمان آهي، وقت ايندو تہ حالتون تبديل ٿي وينديون

اسان 10 ڪروڙ غريب خاندانن کي اٽو ورهائڻ جي شروعات ڪئي آهي ۽ رمضان المبارڪ جي شروعات کان پنجاب، خيبرپختونخواھ ۽ اسلام آباد ۾ مفت اٽو ورهائي رهيا آهيون

پاڙيسري ملڪ پاڪستان جي مدد ڪري رهيا آهن. 2014 کان 2018 تائين پاڪستان ترقي جي شاهراھ تي گامزن هو

عمران خان پاڪستان کي معاشي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي، دوست ملڪن خلاف اڳوڻن حڪمرانن بدزباني ڪئي

اسرائيل سان واپار شروع ڪرڻ جا ڪوڙا الزام لڳايا پيا وڃن، هڪ شخص جو پاڪستان جي حڪومت جي پاليسي سان ڪهڙو تعلق آهي

عمران خان پاڪستان جي ساک داءِ تي لڳائي ڇڏي. عمران خان سخت ترين شرطن تي آءِ ايم ايف پروگرام تي صحيحون ڪيون: پارلياماني اجلاس کي خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف (ن) ليگ جي پارلياماني پارٽي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو آهي تہ اسان هميشہ ملڪ کي مشڪل حالتن مان ڪڍيو آهي، هن چيو تہ حالتون گهڻيون خراب آهن پر اسان جي نيت صاف آهي. حالتون بهتر ٿينديون منهنجو ايمان آهي، وقت ايندو تہ حالتون تبديل ٿي وينديون. آءِ ايم ايف وفاقي حڪومت جا هٿ پير ٻڌي ڇڏيا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ اسان 10 ڪروڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پارليمامنيٽ ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

چيف جسٽس ڀٽو قتل ڪيس ۾ داخل ريفرنس تي ڀيهر غور ڪري: مرتضيٰ وهاب

44 سالن گذرڻ باوجود بہ ڀٽو خاندان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قتل بابت انصاف جو انتظار ڪري رهيو آهي

سقوط ڈاڪا کان پوءِ هن قوم جي قيادت سنڀالي، هندستان مان جنگي قيدين کي آزاد ڪرايو

پنج تاريخ تي بلاول ڀٽو گمبٽ ۾ هڪ ٻئي وڏي منصوبي جو افتتاح ڪري رهيو آهي

مهانگائي کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ترجمان سنڌ حڪومت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سنڌ جي قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ 44 سالن گذرڻ باوجود بہ ڀٽو خاندان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قتل بابت انصاف جو انتظار ڪري رهيو آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان ڀٽو قتل ڪيس ۾ داخل ريفرنس تي ڀيهر غور ڪري. بلاول ڀٽو 5 اپريل تي گمبٽ ۾ ڦلڙن جي ٽرانسپلانٽ انقلابي منصوبي جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان ۽ سنڌ جي قانون وارو صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ (فائيل فوٽو)

پي ٽي آءِ جي ٻن اهم اڳواڻن کي سپريم ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر ۽ علي محمد خان کي سپريم ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي. سپريم ڪورٽ ۾ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي چونڊ التوا ڪيس جي ٻڌڻي جي سلسلي ۾ پوليس سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا آهن جڏهن تہ عدالت مخصوص ماڻهن کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور سميت پنجاب جي مختلف علائقن ۾ تيز برسات، هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ، بجلي جي فراهمي معطل

ايبٽ روڊ، شملہ پهاڙي، لڪشمي چوڪ ۽ چوڙاري وارن علائقن ۾ هلڪي برسات جو سلسلو جاري رهي

گلبرگ، اڇهره، وحدت روڊ ۽ چوڙاري علائقن ۾ هلڪي برسات سبب ٿڌ واپس اچي وئي

موسم جو احوال ٻڌائيندڙ موسميات کاتي ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

لاهور (م د) لاهور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ رات کان وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري آهي. لاهور جي علائقي ايبٽ روڊ، شملہ پهاڙي، لڪشمي چوڪ ۽ چوڙاري وارن علائقن ۾ هلڪي برسات جو سلسلو جاري آهي. ڪاهنہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

رشوت وٺڻ جو الزام: ڊاڪٽر ياسمين راشد کي اينٽي ڪرپشن پنجاب طلب ڪري ورتو

ڊاڪٽر ياسمين راشد تي پارڪنگ، ڪينٽين ۽ صفائي جي ٺيڪن ۾ رشوت وٺڻ جو الزام آهي: ذريعا

جوابدارن تي مهانگي اگهن تي سٽنٽس خريد ڪري سرڪاري ناڻي کي هڪ ارب روپين کان وڌيڪ جو نقصان پهچائڻ جو الزام آهي

لاهور (م د) پنجاب انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن جي معاملي تي اينٽي ڪرپشن پنجاب اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد کي طلب ڪري ورتو ذريعن موجب ڊاڪٽر ياسمين راشد تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سينيٽ وياج جي خاتمي بابت ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو

سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ سينيٽ اجلاس ٿيو

جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد ٺهراءُ پيش ڪيو، حڪومت مخالفت نہ ڪئي

اسلام آباد (م د) سينيٽ وياج جي خاتمي بابت ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو. سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ سينيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومت چونڊ ڪيس ٻڌندڙ 3 رڪني بينچ جو بائيڪاٽ ڪرڻ واري فيصلي تان ڦري وئي

چيف جسٽس بائيڪاٽ ختم ڪرڻ بابت لکت ۾ آگاهي ڏيڻ تائين حڪومتي اتحاد جي وڪيلن کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

اسان ڪو بہ بائيڪاٽ ناهي ڪيو، رڳو بينچ تي خدشا آهن، چيف جسٽس چيو تہ اوهان کي ٻڌنداسين: فاروق ايڇ نائيڪ

وفاقي حڪومت چونڊن واري ڪيس ٻڌندڙ سپريم ڪورٽ جي ٽہ رڪني بينچ تي باضابط اعتراض واري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) حڪومت چونڊ ڪيس ٻڌندڙ 3 رڪني بينچ جو بائيڪاٽ ڪرڻ واري فيصلي تان ڦري وئي، چيف جسٽس بائيڪاٽ ختم ڪرڻ بابت لکت ۾ آگاهي ڏيڻ تائين حڪومتي اتحاد جي وڪيلن کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پيپلزپارٽي جي وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ چيو تہ اسان ڪو بہ بائيڪاٽ ناهي ڪيو، رڳو بينچ تي خدشا آهن. چيف جسٽس چيو تہ اوهان کي ٻڌنداسين، جيڪڏهن بائيڪاٽ ناهي ڪيو تہ لکت ۾ آگاھ ڪيو. وفاقي حڪومت چونڊن واري ڪيس ٻڌندڙ سپريم ڪورٽ جي ٽہ رڪني بينچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪنڌڪوٽ: ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ شهيد ايس ايڇ او جو لاش پيل آهي، ڊي پاسي ايس ايس پي عرفان سمون ڳالهائيندي

ڪنڌڪوٽ پرسان ميينا مقابلي دوران 2 ڌاڙيل مارجي ويا، ايس ايڇ او شهيد، ڊي ايس پي سميت 2 اهلڪار زخمي

دراني مهر ٿاڻي تي ڌاڙيلن پاران حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڊي ايس پي قلندر بخش سومرو زخمي ٿي پيو

اطلاع بعد ايس ايس پي عرفان سمون جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪري علائقي جو گهيرو ڪري آپريشن شروع ڪيو ويو

آپريشن دوران جديد هٿيارن سان فائرنگ جي ڏي وٺ جاري رهي فائرنگ ۾ ايس ايڇ او عبداللطيف ميراڻي شهيد ٿي ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) دراني مهر جي ڪچي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ايس ايڇ او عبداللطيف ميراڻي شهيد ۽ ڊي ايس پي سميت 2 اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو جاري آهي ايس ايس پي عرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور ۾ پوليس اهلڪارن تي پيٽرول بمن سان حملا ڪندڙن کي ضمانتون ملي رهيون آهن: شرجيل ميمڻ

طاقت جي زور تي فيصلا مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڇا ملڪ ۾ آئين ۽ قانون تحت ڪو بہ فيصلو نہ ٿيندو؟

دادلي لاءِ ڏاڙهي ۽ ٻين لاءِ ڏار قانون آهي ملڪ ۾ ھٹو نظام آخر ڪيستائين هلندو رهندو؟

چيف جسٽس جو ڪم ڪنهن کي پيغام ڏيڻ نہ پر انصاف ڪرڻ آهي: سعيد غني

ڪراچي (م د) صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي تہ لاهور ۾ پوليس اهلڪارن تي پيٽرول بمن سان حملا ڪندڙن کي ضمانتون ملي رهيون آهن. طاقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ اڳواڻ شاھ محمود قريشي

اوپيڪ ملڪن جو تيل جي پيداوار گهٽائڻ جو فيصلو، تيل مهانگو

تيل پيدا ڪندڙ ملڪن جي پيداوار ۾ گهٽتائي جو عالمي مارڪيٽ تي منفي اثر پيو

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ 6 سيڪڙو تائين اضافو ڏٺو ويو

واشنگٽن (م د) تيل پيدا ڪندڙ ملڪن جي پيداوار ۾ گهٽتائي جو عالمي مارڪيٽ تي منفي اثر پيو آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٿر جي فطري حسن مورن ۾ پراسرار بيماري پکڙجي وئي

ڳوٺ ڏيڍڄا ۾ ڪيترائي مور مري ويا، وائلڊ لائيف کاتي ڪو بہ تحرڪ نہ ورتو

مور بيماري سبب انڌا ٿي وڃن ٿا، پوءِ سنڌن ڳلو سُجي وڃي ٿو: ڳوٺاڻا

مٺي (رپورٽر) ٿر جي فطري حسن مورن ۾ پراسرار بيماري پکڙجي وئي، ڳوٺ ڏيڍڄا ۾ ڪيترائي مور مري ويا، وائلڊ لائيف کاتي ڪو بہ تحرڪ نہ ورتو ڳوٺاڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مٺي: پراسرار بيماري ۾ مري ويل خوبصورت مور

توشہ خاني ڪيس: عمران خان ۽ سندس گهرواري کي جاري ڪيل نيب نوٽيس خلاف درخواستن تي فيصلو محفوظ

چيف جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ توشہ ٻڌڻي ڪئي، عمران خان جو وڪيل پيش ٿيو

نيب نوٽيس ۾ ناهي ٻڌايو ويو تہ ڪهڙي حيثيت سان ڄاڻ گهري پئي وڃي: خواجہ حارث

ڇا عمران خان کي طلبي جا نوٽيس اچي ويا آهن؟ (عدالت) ڪال اپ نوٽيس اچي ويا آهن: خواجہ حارث

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشہ خاني ڪيس ۾ طلبي جي نيب نوٽيس خلاف عمران خان ۽ سندس گهرواري جي درخواستن تي فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بيبي

ڊالر 285 رپيا جو ٿي ويو، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ ربيو 21 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 285 رپيا 50 پئسا ٿي ويو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ منفي واپاري رجحان ڏٺو ويو

ڪراچي (م د) ڪاروباري هفتي جي شروعات ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ وڌيڪ واڌ ٿي جڏهن تہ روپئي جي قدر ۾ گهٽتائي ٿي آهي. انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪ ايران سرحد تي شهيد ٿيل 4 سيڪيورٽي اهلڪار فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي

جلگئي سيڪٽر ۾ شهيد ٿيندڙ سيڪيورٽي اهلڪارن جي جنازي نماز سندن اباڻي علائقن ۾ ادا ڪئي وئي

سپاهي عبدالرشيد جي جنازي نماز صحبت پور ۽ سپاهي محمد عرفان جي جنازي نماز ديره غازي خان ۾ ادا ڪئي وئي

جنازي نماز ۾ سينئر حاضر ۽ ريٽائرڊ سروس جي آفيسرن، سپاهين ۽ شهيد ٿيلن جي گهرڀاتين شرڪت ڪئي

راولپنڊي (م د) بلوچستان جي ضلعي ڪيچ جي علائقي جلگئي سيڪٽر ۾ شهيد ٿيندڙ سيڪيورٽي اهلڪارن جي جنازي نماز سندن اباڻي علائقن ۾ ادا ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر موجب بلوچستان جي ضلعي ڪيچ جي علائقي جلگئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

راولپنڊي: پاڪ ايران سرحد تي شهيد ٿيل 4 سيڪيورٽي اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سپريم ڪورٽ، اسلام آباد جو سيل ڪيل ريڊ زون کولڻ بابت پي ٽي آءِ جي استدعا رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ، اسلام آباد جو سيل ڪيل ريڊ زون کولڻ بابت پي ٽي آءِ جي استدعا رد ڪري ڇڏي. پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيف جسٽس جي عدالت آڏو پيش ٿي چيو تہ ريڊ زون سيل ڪيو ويو آهي، وڪيلن کي بہ عدالت نٿو اچڻ ڏنو وڃي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا تہ ڪيس جي ٻڌڻي دوران هزارين وڪيلن جو اچڻ ضروري ناهي. حڪومت ۽ انتظاميہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سلطان ڪوٽ ۾ ڪارنهن الزام هيٺ چاچي هٿان ڀائيٽي قتل

جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ ناري فرزانا ذي ۽ غلام سرور مارفاڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

ميان صاحب (رپورٽر) ڳوٺ بدر مارفاڻي ۾ ميينا ڪارنهن الزام هيٺ ناري قتل جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ ناري فرزانا ذي ۽ غلام سرور مارفاڻي کي قتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: برقعو پائي گهر ۾ داخل ٿيندڙ 3 ڌاڙيل پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا

3 ڌاڙيل 3 ماڙ عمارت ۾ ڦرجي نيت سان داخل ٿيا تہ اطلاع ملندي ئي پوليس بہ پهچي وئي

2 ڌاڙيلن سڃاڻپ لڪائڻ لاءِ برقعو پاتل هئو، ان دوران پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿيو

پوليس جي پهچندي ئي جوابدار ڇت طرف ڀڳا جتي جوابدارن ۽ پوليس ۾ مقابلو ٿيو

ڪراچي (م د) ڪورنگي ۾ ٽي ماڙ عمارت ۾ داخل ٿيندڙ 3 ڌاڙيل پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا. پوليس موجب 3 ڌاڙيل 3 ماڙ عمارت ۾ ڦر جي نيت سان داخل ٿيا تہ اطلاع ملندي ئي پوليس بہ پهچي وئي. 2 ڌاڙيلن سڃاڻپ لڪائڻ لاءِ برقعو پاتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي جي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي دوران جيب ڪترو گرفتار

ڪراچي (م د) ڪراچي جي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي دوران اي ايس ايف اهلڪارن هڪ کي جيب ڪتري کي پڪڙيو ويو. ايئرپورٽ ذريعن موجب جوابدار عبدالجبار ان کان اڳ ڪراچي ايئرپورٽ تي مسافرن جا پاڪيٽ چوري ڪرڻ ۾ ملوث هو جڏهن تہ جوابدار تي ڪراچي ايئرپورٽ تي موبائل فون چوري ڪرڻ جو بہ الزام آهي ذريعن جو چوڻ آهي تہ اي ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: پوليس ۽ ڦورون ۾ مقابلي دوران اهلڪار واقعي واري هنڌ بيٺل آهن

عيد ڪانپوءِ سرجاني ۾ قبضا مافيا خلاف آپريشن جو اعلان

سرجاني ٽائون ۾ قبضا مافيا خلاف ڀرپور آپريشن ڪيو ويندو: گورنر سنڌ

چنڊ رات گورنر هائوس سنڌ ۾ عورتن لاءِ مفت مهندي جي درخواست جو بندوبست ڪيو ويندو

ڪراچي (م د) گورنر سنڌ عيد ڪانپوءِ سرجاني ٽائون ۾ قبضا مافيا خلاف آپريشن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري 12 هين سحري ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي علائقي سرجاني ٽائون پهتو جتي عوام جي وڏي انگ ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سرجاني ٽائون ۾ سحري واري تقريب کي خطاب ڪندي

9 رڪني بينچ 3 رڪني بينچ ٿيڻ ۾ حڪومت جو ڪو ڪردار ناهي: راڻا تنوير

گڏاپ شهر جي بجلي هنگامي بنيادن تي بحال ڪئي وئي: امتياز شيخ

رمضان المبارڪ دوران بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب عوام پريشان آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي توانائي واري وزير امتياز احمد شيخ جي صدارت هيٺ اليڪٽرڪ جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ صوبائي وزير ساجد جکرکيو کي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس علوي سيڪريٽري انرجي ابوبڪر مدني ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

عمران خان کي سيڪيورٽي ڏيڻ جي درخواست تي گهرو وزارت ۽ وفاق کي نوٽيس جاري

وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي بيان تي عمران خان کي سيڪيورٽي ڏيڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ گهرو وزارت ۽ وفاق کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي چيئرمين عمران خان طرفان سيڪيورٽي ڏيڻ جي درخواست تي عدالت گهرو وزارت ۽ وفاق کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي بيان تي عمران خان کي سيڪيورٽي ڏيڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار سينيٽر وقار مهدي پاران بچت بازار جو دورو

دوري دوران اٽو، کنڊ، تيل، گيهہ، چانور، ميوا، ڀاڃيون، گوشت، کير ۽ پولٽري جا اگهہ چيڪ ڪيا

سرڪاري اگهہ تي روزاني جون شيون وافر مقدار ۾ فراهم ڪيون پيون وڃن: وقار مهدي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار سينيٽر وقار مهدي، ڊپٽيڪمشنر ڪورنگي محمد علي زيدي سان گڏ اڪورنگي ڪراسنگ ۽ شاھ فيصل ڪالوني عيد گاھ گرائونڊ ۾ قائم رمضان بچت بازارن جو دورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ رمضان المبارڪ ۾ اگهہ ڪنٽرول ڪرڻ بابت اجلاس منعقد

سنڌ ۾ 16 لک 16 هزار 422 خاندانن کي اٽو ڏنو ويو آهي: چيف سيڪريٽري سنڌ

ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ دوران 1833 منافع خورن تي 91 لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي: ڪمشنر ڪراچي

صوبي ۾ سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل بچت بازارن ۾ ضروري شين جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت چيو آهي تہ سنڌ حڪومت 78 لک خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بدامني خلاف ڳوٺاڻا روڊن تي نڪري آيا، ڌرڻا

ڪڪڙ ۾ بدامني خلاف ڳوٺاڻا روڊن تي نڪري آيا، ڳوٺ ڀيلو پٽڻ جي رهواسين ۽ سماجي ڪارڪنن پاران احتجاج ڪيو ويو

ميهڙ ۾ وڌندڙ بدامني، هٿرادو مهانگائي، اٽي جي اگهن ۾ واڌ ۽ مقامي انتظاميا جي نااهلي خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مظاهرو ڪيو ويو

شهرين ۽ واپارين کي ڦريو وڃي ٿو بئنڪ کان پيسا ڪيرائي واپس ويندڙ واپارين کي ٽارگيٽ ڪيو وڃي: اڳواڻ

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بدامني جي باھ ٻري وئي، مختلف شهرن ۾ ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا ڪڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڊپٽي ڪمشنر پوڊ متاثرن جا ڪروڙين رُپيا ڪيرائي ويا

ڪراچي (م د) متياري موٽري وي اسڪينڊل جي اهم ڪردارن ٻن اڳوڻن ڊپٽي ڪمشنرن جي ميينا ڪرپشن جو نئون اسڪينڊل سامهون آيو آهي. سنڌ ۽ وفاقي سرڪار پوڊ متاثرن جي امداد جي نالي تي مختلف ڊپٽي ڪمشنرن کي رقم ڏني هئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار انجنيئر امير مقام آفيس ۾ ويٺل آهي

بلال ڪاڪا قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار جي ضمانت رد

عدالت گرفتار جوابدار محمد گل جي ضمانت لاءِ ڏنل درخواست رد ڪري ڇڏي

جوابدار محمد گل جي ٽرائل ڪورٽ بہ ضمانت واري درخواست رد ڪئي هئي: فرياد جو وڪيل

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ بلال ڪاڪا قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار جي ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي عدالت گرفتار جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي واسين لاءِ بجلي وڌيڪ مهانگي ٿي وئي

نيپرا وفاقي سرڪار جي درخواست جي منظوري ڏئي ڇڏي

بجلي جي واهپيدارن کان اپريل، مئي ۽ جون جي بلن ۾ اوڳاڙي ڪئي ويندي

ڪراچي (م د) ڪراچي جي شهرين کي ٽن مهينن لاءِ 6 رپيا في يونٽ بجلي مهانگي ملندي جڏهن تہ نيپرا وفاقي سرڪار جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي آفيسرن ۽ ملازمن کي ڪارڪردگي جي بنياد تي ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب منعقد

ڪراچي (رپورٽر) يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي آفيسرن ۽ ملازمن کي ڪارڪردگي جي بنياد تي ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ يونيورسٽين واري وزير اسماعيل راهو ۽ سيڪريٽري مريد راهمون ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ استادن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

صوبي ۾ ڪڻڪ جي خريداري جو هدف هر صورت ۾ پورو ڪيو ويندو: سيڪريٽري خوراڪ

ڪڻڪ جي نقل وحمل تي پابندي برقرار رهندي. ٻين صوبن ڏانهن ڪڻڪ اسمگل روڪيندا اسين

صوبن ڏانهن ڪڻڪ اسمگل ڪرڻ وارن جي ڪڻڪ ضبط ڪئي ويندي ۽ ادائيگي نه ڪئي ويندي

سرڪاري ٽارگيٽ پورو ڪرڻ گهرجي. ضلعي کان ٻاهر ڪڻڪ موڪلڻ تي پابندي برقرار رهندي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري راجا خرم شهزاد چيو آهي ته صوبي ۾ ڪڻڪ جي خريداري جو هدف هر صورت ۾ پورو ڪيو ويندو. ذخيره اندوزن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ڪڻڪ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: خوراڪ کاتي جو سيڪريٽري اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

عمرڪوٽ پوليس پاران سرڪاري لوھ سان ڀريل گاڏي پڪڙڻ وارو مامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ پوليس پاران سرڪاري لوھ سان ڀريل گاڏي پڪڙڻ وارو مامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو پوليس جنهن ڏينهن کان فريادي جي انتظار ۾ ويٺل. تعليم کاتي جو يونٽن. پوليس پنهنجي موقف تي قائم هائي عمارت جي معاهدي جي روشني ۾ شوڪاز نوٽيس سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪئمپس عمرڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڳڙهي ياسين پوليس جي ڪاروائي، گٽڪا سپاري وڪرو ڪندڙ 2 دوڪاندار گرفتار

سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڳڙهي ياسين پوليس دڪڻ ناڪي محلا ۾ ڪاروائي ڪئي وئي

فيضان علي جي احڪامات تحت منشيات ۽ سوپاري وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) ڳڙهي ياسين پوليس جي ڪاروائي، گٽڪا سپاري وڪرو ڪندڙ 2 دڪاندار گرفتار. منشيات مين پوري ايڪٽ تحت سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڳڙهي ياسين پوليس دڪڻ ناڪي محلا ۾ ڪاروائي ڪري گٽڪا سوپاري فروخت ڪندڙ ٻن دڪاندارن گفتار ساگر سومرو ۽ بابر پٺو کي گٽڪا سوپارين سميت گرفتار ڪري ورتو آهي گفتار ولد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪڇي جي دراني مهرواري علائقي ۾ آپريشن دوران ڌوهارين جي فائرنگ ۾ ايس ايچ او شهيد

آپريشن دوران ڌوهارين جي فائرنگ ۾ جمال ٽاٽي جو ايس ايچ او عبداللطيف ميراڻي شهيد ٿي ويو

ڌوهارين جي فائرنگ ۾ ڊي ايس پي قلندر بخش سومرو زخمي ۽ ٻه واٽهڙا به زخمي ٿي پيا، اتالا پهتا

پوليس پاران ڪنهن به ڌوهاري جي مارجڻ جي ڪا تصديق ناهي ٿي (ذريعا) رينجر جي اهلڪارن کي گهرايو ويو

ڪنڌڪوٽ/ غوثپور (نمائندن وٽان) غوثپور ڪچي جي دراني مهرواري علائقي ۾ ايس ايس پي ڪشمور عرفان علي سمون جي هدايتن تي پوليس پاران ڪيل ڌوهارين خلاف آپريشن دوران ڌوهارين جي فائرنگ ۾ جمال ٽاٽي جو ايس ايچ او عبداللطيف ميراڻي شهيد ۽ ڊي ايس پي قلندر بخش سومرو زخمي ۽ ٻه واٽهڙا به زخمي ٿي پيا آهن ضلعي ڪشمور جي مختلف علائقن مان هن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور پوليس جون ڪاروائيون 10 جوابدار گرفتار 1 مينهن، 2 موٽر سائيڪلون هٽ

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پوليس جون ڪاروائيون 10 جوابدار گرفتار 1 مينهن، 2 موٽر سائيڪلون، گٽڪا سوپاريون، روڪ رقم ۽ ڊوائيس هٽ تفصيل موجب ايس ايس پي شڪارپور فيضان علي جي هدايتن تي ٿاڻي جهان واه ۽ لوڌرا پوليس چوري ٿيل مينهن هٽ ڪري مالڪ سيد بهادر شاه جي حوالي ڪري ڇڏي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪنڌڪوٽ: ڪچي ۾ ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ شهيد ٿيل ايس ايڇ او عبداللطيف ميراڻي

لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جو 36 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

پگهارون نه ملڻ خلاف نئون ديرو هائوس جي مک گيٽ آڏو احتجاج ڪري چتي نعري بازي

ڊولپمينٽ اٿارٽي جي 275 ملازمن کي 36 مهينن کان پگهارون جاري ناهن ڪيون ويون: اڳواڻ

اسان کي فاڪاڪشي تي مجبور ڪيو ويو آهي. ڇا اسان بنگالي يا بهاري آهيون: مظاهرين جون ڳالهيون

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جو 36 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف نئون ديرو هائوس جي مک گيٽ آڏو احتجاج ڪري چتي نعري بازي ڪئي. احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ عبدالغني جتوئي، محمد اسلم پٺو بهاول لغاري، صدام شاه، بابر ٻگهيو، طالب ڪٽپر، نياز ابڙو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي جي 275 ملازمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊوباگو کان جهڏو روڊ جي مرمت جو ڪم هڪ سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿيو

روڊ تي هلندڙ مرمتي ڪم جو ٺيڪو اداڻي ارب ربين جي لاڳت سان منظور ڪيو ويو

42 ڪلوميٽرن جي روڊ مان صرف 15 ڪلوميٽرن تائين ڪم مڪمل ٿيو آهي: رهواسي

ٺيڪيدار پاران ناقص ميٽيريل استعمال ڪرڻ ڪري پاسن کان روڊ ٽٽڻ شروع ٿي ويو آهي: ڳالهيون

ٽنڊوباگو (رپورٽ:ـ سهيل سمون) ٽنڊوباگو کان جهڏو روڊ جي مرمت جو ڪم هڪ سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿيو. ٺيڪيدار پاران ناقص ميٽيريل جو استعمال. رپورٽ موجب ٽنڊوباگو وايا جهڏو روڊ تي هلندڙ مرمتي ڪم جو ٺيڪو اداڻي ارب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ذوالفقار علي ڀٽو کي پاڪستان جو عوام سنهري اکرن ۾ ياد ڪري ٿو: آفتاب علي مگسي

سڪرنڊ (رپورٽر) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 ورسي جي موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ ڪائونسل ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شهيد بينظيرآباد جي ميمبر رئيس آفتاب علي مگسي ڳالهائيندي چيو ته ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائيندڙ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي پاڪستان جو عوام سنهري اکرن ۾ ياد ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊوباگو: جهڏو روڊ جو هڪ سال مڪمل ٿيڻ باوجود ڪم نه ٿي سگهيو

خيرپور ناٿن شاهه ۾ نون ڀرتي ٿيل استادن جون پگهارون نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پ ٽ الف طرفان استادن جي حقن لاءِ هلندڙ تحريڪ جي سلسلي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پ ٽ الف اڳواڻن وزير علي ٻبر، نظير احمد گاڏهي، علي گوهر ٻبر، سعيد احمد شاهه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

استادن جي اپگريڊيشن ڪي CMO دادو غير ضروري اعتراض هٽي رد ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين جو الزام

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ تازو نون ڀرتي ٿيل استادن جون پگهارون نه ٿيڻ خلاف پ ٽ الف ضلع دادو طرفان استادن جي حقن لاءِ هلندڙ تحريڪ جي سلسلي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. بنا جواز پگهارون روڪيو ويون اعلي اختيار نوٽيس وٺن. تفصيل موجب: خيرپور ناٿن شاهه ۾ نون استادن جون پگهارون نه ٿيڻ خلاف پ ٽ الف ۽ استادن طرفان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مورو شهر جي ٻانڊي روڊ تي ملڪيتن تي قبضو ڪري دوڪان اڏڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

غلام مصطفي زرداري، سيٺ ڪريم بخش زرداري، عبدالرحمان، حاجي خان احتجاج ڪيو

اسان جي زمين تي ترجا باٿر بنا جواز قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: مظاهرين جون ميڊيا آڏو داتهون

5 ايڪڙ زمين مان ايڪڙ زرعي زمين تي زبردستي ماڻهون ويهاري دوڪان تعمير ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو شهر جي ٻانڊي روڊ تي ملڪيتن تي قبضو ڪري دوڪان اڏڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل خلاف رهواسين غلام مصطفي زرداري، سيٺ ڪريم بخش زرداري، عبدالرحمان، حاجي خان، محمد علي زرداري، غلام عباس زرداري ۽ ٻين مورو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي زمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مڪلي سوسائٽي جي رهواسي کهيا برادري جي معزز پاران افطار پارٽي منعقد

ٺٽو(رپورٽر) مڪلي سوسائٽي جي رهواسي کهيا برادري جي معزز حاجي شفيع کهيو پاران کهيا هائوس مڪلي تي افطار پارٽي منعقد ڪئي ويئي. جنهن ۾ اڳرٽي ضلعي ناظر سيد شفقت حسين شاه شيرازي، وڏي وزير جي معاون خاص اير پي اي سيد رياض حسين شاه شيرازي، سيد تنوير حيدر شاه شيرازي، سيد سونو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: زرداري برادري جا ماڻهو پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سومرا ڪالوني جي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

پاءِ الهجڙيو گوپانگ ۽ غلام علي گوپانگ وارن سان اسان جو سڱاوتي تڪرار هلندڙ آهي: رهواسي

مان پنهنجي تحفظ لاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڪئي آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي پاڙ ۾ ڏي وٽ جي مائٽي ٿيل آهي

غلام علي گوپانگ گهر ۾ داخل ٿي منهنجي پٽ ۽ گهرواري کي مارڪٽ ڪئي ۽ فرار ٿي ويا: ڳالهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سومرا ڪالوني جو رهواسي لال بخش عرف لالو گوپانگ پنهنجي پٽ عامر گوپانگ سان گڏ دادو پريس ڪلب تي پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا الزام هڻندي دانهيو ته منهنجي پاءِ الهجڙيو گوپانگ ۽ غلام علي گوپانگ وارن سان اسان جو سڱاوتي تڪرار هلندڙ آهي صبح هو پاڻ ۽ سندس پٽ غلام علي گوپانگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

متياري پوليس جي منشيات جي ڪارخاني تي چڙهائي، وڏي مقدار منشيات هٿ

ايس ايس پي متياري ڪليم ملڪ جي حڪم تي ايس ايڇ او ذوالفقار اوڍائو ڪارروائي ڪئي

لکين روپين جي منشيات ۽ مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ چورو هٽ ۽ ڪارخاني ۾ مشينري هٽ

متياري (رپورٽر) متياري پوليس جي منشيات جي ڪارخاني تي چڙهائي مال ناهيندڙ مشينون هٽ ۽ وڏي مقدار منشيات پڻ هٽ ڪئي وئي تفصيل موجب ايس ايس پي متياري ڪليم ملڪ جي حڪم تي ايس ايچ او ذوالفقار اوڍائو درجن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺاروشاهه ۾ ڳوٺ سلطان ڏهراج واسي پيرسن پيءُ کي نافرمان پٽ گهران ڪڍي ڇڏيو

نافرمان پٽ محمد عباس ڏهراج تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي: والد ٿاڻي تي پهتو

پوليس ٻالٿرن جي ونگار تي ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ٺاروشاهه (رپورٽر راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه ۾ ڳوٺ سلطان ڏهراج واسي پيرسن پيءُ کي نافرمان پٽ تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو پيرسن پيءُ جو ٿاڻي وٽ تحفظ لاءِ پهچي ويو نافرمان پٽ محمد عباس ڏهراج تشدد ڪري گهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺاروشاهه: ڳوٺ سلطان ڏهراج واسي پيرسن نافرمان پٽ خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

صحافي علي سرور کي ملندڙ ڌمڪين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: ذيشان احمد صديقي

ڪراچي جي سياسي جماعت جي ڪارڪنن پاران ٽوئيٽر اسپيس تي صحافي کي ڌمڪيون مليون آهن

بل اڪثريت سان پاس ٿيڻ باوجود به ان تي عمل نه ٿيو ۽ صحافين کي حراسان ڪرڻ معمول بڻجي ويو آهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) سينئر صحافي و اينڪر علي سرور کي ملندڙ ڌمڪين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا آزاف صحافت تي حملا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪيڏڻ پرسان ڳوٺ ايوب بجير ۾ ماڪي جي مکين جو ڳوٺاڻي تي حملو

ايوب بجير ماڪي جي مکين جي ڏنگ لڳڻ سبب سندس جسم سڄي پيو

صحت مرڪز جي ڊاڪٽرن پاران دل بيهڻ سبب فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ويئي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪيڏڻ پرسان ڳوٺ ايوب بجير ۾ ماڪي جي مکين جو ڳوٺاڻي تي حملو ڏنگ هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو ۽ اسپتال ۾ دم ڏڻي حوالي ڪري ڇڏيايين خبر موجب ڪيڏڻ لڳ ڳوٺ ايوب بجير ۾ ماڪي جي مکين حملو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ جي دستوري ڪلجاڻي، اڳواڻن پاران شرڪت

نئون ڪوٽ جي سيڪريٽري پيارعلي نهڙيو، جوائينٽ سيڪريٽري چندر ولاسائي شريڪ

نئون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ روشني پبليڪشن پاران لڳندڙ ٽي روزا ڪتابي ميلي کي ساراهيو ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ جي دستوري ڪلجاڻي نوجوان شاعر چندر ولاسائي جي صدارت هيٺ پريس ڪلب نئون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نئون ڪوٽ: سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ جي ڪلجاڻي جو ڏيک

دڙو لڳ جهنڪي جي بيماري سبب ٻارڙو فوت، گهر ۾ ڪهرام متل

ٻارڙو شير علي پٽ طيب مناهجو جهنڪي جي بيماري سبب فوت ٿي ويو

فوتي ٻارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو لڳ جهنڪي جي بيماري سبب ٻارڙو فوت. دڙو لڳ ڳوٺ گل محمد مناهجو ۾ 2 ورهين جو معصوم ٻارڙو شير علي پٽ طيب مناهجو جهنڪي جي بيماري سبب فوت ٿي ويو ٻارڙو بخار ۾ مبتلا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ايس ٽي پي ڪوسڪي جي صدر عبدالستار برڙو تي پوليس چڙهائي خلاف احتجاج

منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ايس ٽي پي تلهار جي ڪارڪنن پاران ريلي

مظهر حسين ڪهيري تعلقه صدر شوڪت عمراڻي اسلم سونارو رفيق سمون يوسف لاڪو شريڪ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ٽي پي ڪوسڪي جي صدر عبدالستار برڙو تي ڪوسڪي پوليس پاران منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ايس ٽي پي تلهار جا ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا هٿن ۾ جهنڊا کڻي ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين: ايس ٽي پي ڪوسڪي جي صدر ستار برڙي جي گرفتاري خلاف ايس ٽي پي ڪارڪن تلهار ۾ مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڪڏڙو ۾ امن جو پکي اڏامي ويو، مين بازار ۾ موبائيل جي دڪان مان چوري ٿي وئي

مين بازار مان نور خان پٺاڻ جي موبائيل جي دڪان مان چور لکين روپين جي چوري ٿي وئي

دڪاندار جي فرياد تي نامعلوم شخص تي اين سي داخل، جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن

ڪڏڙو (رپوٽر) ڪڏڙو شهر ۾ امن جو پکي اڏامي ويو شهر جي مين بازار ۾ موبائيل جي دڪان مان لکين ربين جي ماليت جا قيمتي موبائيل چور چوري ڪري ويا پوليس به اڳهور ننڊ ۾ خبر موجب ڪڏڙو شهر جي مين بازار مان نور خان پٺاڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو جي شهر سيتا روڊ ۾ 72هين ڏينهن به ريل گاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو

مسافر ريل گاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڄهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج

شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو، رضا محمد ملاح، امجد علي ڪوسو شريڪ ٿيا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي شهر سيتا روڊ ۾ 72هين ڏينهن به روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي لائين تي گذريل 9 مهينن کان بند پيل مسافر ريل گاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڄهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ملاڪاتيار ڪپور پوليس جي حد ڳوٺ علي پور ۾ اوطاق مان چوري ٿي وئي

مهتاب رشيد سولنگي جي اوطاق تان 4 سولر پليٽون ۽ هڪ موبائل فون چوري ٿي

مشهور پيرين ۽ ڪوجي ڪتن جي ٽيم پير ڪنڊي سڏو گل ملاح جي گهر ۾ داخل ٿي ويا

ٽنڊو محمد خان (در مظفر علي بروهي) ملاڪاتيار ڪپور پوليس جي حد ڳوٺ علي پور سماجي اڳواڻ مهتاب رشيد سولنگي جي اوطاق تان 4 سولر پليٽون ۽ هڪ موبائل فون چوري ٿي ويو ڪپور پوليس جي انچارج شوڪت لغاري پوليس نفري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊومحمدخان: ڳوٺ علي پور مان ٿيل چوري پوليس واقعي واري هنڌ پهتل آهي

انصاف لائيرز فورم پاران "قانون جي حڪمراني ۽ آئين جي بالادستي" جي موضوع تي ڪانفرنس

مهمان خاص سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ حليم عادل شيخ هيو، سوين وڪيلن شرڪت ڪئي

آءِ ايل ايف سنڌ جي آرگنائيزر (ر) جسٽس نورالحق اين قريشي پاران خاوند بخش جهيجو ۽ ٻين جي آجيان

وڪيلن جي ڪانفرنس ۾ جبري گمشدگي، من پسند قانون سازي ۽ ٻين معاملن تي متفق طور تي قرارداد منظور ڪئي وئي

حيدرآباد (پريس رليز) پاڪستان تحريڪ انصاف جي ذيلي تنظيم انصاف لائيرز فورم پاران ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن حيدرآباد ۾ "قانون جي حڪمراني ۽ آئين جي بالادستي" جي موضوع تي وڪيلن جي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

حيدرآباد: آءِ ايل ايف پاران منعقد ڪيل ڪانفرنس ۾ حليم عادل شيخ ۽ ٻيا اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

سکر جي بندر حيات مسجد روڊ واري علائقي جي رهواسي پاران بحالي لاءِ احتجاج

سکر(رپورٽر) سکر جي بندر حيات مسجد روڊ واري علائقي جي رهواسي پ پ جيالي پرويز ميراڻي نوڪري مان جبري برطرفي خلاف معصوم پٽ سان گڏ سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي پيپلز پارٽي جي مرڪزي قيادت کي اپيل ڪئي آهي ته نوڪري بحال ڪئي وڃي سندس چوڻ هو ته پيپلز پارٽي جو پراڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي پاران احتجاجي مظاهرو

امتياز لنڊ، عنايت علي جمالي، امان الله هنگورو، الهبچايو ميٽو، محمد وسيم ڪوڪر احتجاج ڪيو

صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي دادو جي اڳواڻن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان امتياز لنڊ، عنايت علي جمالي، امان الله هنگورو، الهبچايو ميٽو محمد وسيم ڪوڪر، جهنڊو خان ٻبر، اياز احمد ٽيپو، صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊوباگو جي ڳوٺ ميٺان جي اسڪول کي عمارت نه ملي، سوين ٻارڙن ۾ سامان تقسيم

ايڊووڪيٽ احمد دل اسڪول پهچي اي سي ٽنڊوباگو پاران ڏنل وڳا، جتيون، ڪتاب ۽ پينون ورهايون

اسڪول ۾ به استاد 180 کان وڌيڪ ٻارڙن کي تعليم ڏئي علم جي جوت جلائي رهيا آهن: احمد دل

هن اسڪول کي جلد عمارت ڏئي معصوم ٻچڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊوباگو (رپورٽ:ـ سهيل سمون) تعلقي ٽنڊوباگو جي ڳوٺ ميٺان جي اسڪول کي عمارت نه ملي ايڊووڪيٽ احمد دل اسڪول پهچي اي سي ٽنڊوباگو پاران ڏنل ٽنبوئن ۾ پڙهندڙ سوين ٻارڙن ۾ عيد جا وڳا، جتيون، ڪتاب ۽ پينون ورهائي ٻارڙن ۾ حوصلو پيدا ڪيو انهي موقعي تي ايڊووڪيٽ احمد دل، عوامي تحريڪ اڳواڻ مهراڻ درس، سماجي اڳواڻ ولي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽي جي ڪوهستاني يوسي جهمپير جي متاثرن جي ڪنهن به سار ناهي لڌي

ٺٽو(رپورٽر) تعلقي ٺٽي جي ڪوهستاني يوسي جهمپير جي ڪوهستاني مختلف ڄاڪرا برادري جي ڳوٺن ۾ موجود بي سهارا، بي ٻهچ غريب مسڪين معذورن، گونگن ۽ بيواهه عورتن جي سرڪاري سطح تي ڪنهن به سار ناهي لڌي، جيڪي تنگدستي واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن. ٻئي طرف ڪوهستان جي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڏڙو ۾ شهرين جي سهولت لاءِ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهرايل سبزي مارڪيٽون غير فعال

شاهي بازار ۾ قائم مڇي گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون آڪڙا جوا ۽ ٻين ڪاروباري سرگرمين ۾ تبديل

پارڪ روڊ، بس اسٽاپ ۽ شهر جي مختلف چوراهن تي سنڌل ۽ ريڙها رکي شهر جو نقشو تبديل ڪري ڇڏيو

واپاري ايسوسيشن جي صدر نظير سومرو، نظام ميمڻ، سيف فاضلاڻي، شڪيل عباسي، قادر ميمڻ جون ڳالهيون

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو ۾ شهرين جي سهولت لاءِ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهرايل مڇي، گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون عوام کي ڪو فائدو نه ڏئي سگهيون، شاهي بازار ۾ قائم مڇي گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون آڪڙا جوا ۽ ٻين ڪاروباري سرگرمين ۾ تبديل. مڇي، گوشت ۽ سبزي فروشن پنجاري پل، پارڪ روڊ، بس اسٽاپ ۽ شهر جي مختلف چوراهن تي سنڌل ۽ ريڙها رکي شهر جو نقشو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ سهڙا جي پرائمري اسڪول ۾ ماستر پورا نه هجڻ پريشانيون

اسڪول ۾ فنيچر ڪرسيون ۽ ٽيبلون ڪافي سال پراڻيو آهن، تعليم متاثر ٿيڻ لڳيون

پرپاسي جي ڳوٺن جا ٽي سئو شاگرد پڻ تعليم کان متاثر ۽ پڙهائي کان محروم بڻجي ويا آهن

ٽن ماسترن جي سخت ضرورت آهي اهي ڏنا وڃن ۽ اسڪول لاءِ فنيچر ڏنو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڳوٺ سهڙا جي پرائمري اسڪول ۾ ماستر پورا نه هجڻ جي ڪري ۽ اسڪول ۾ فنيچر ڪرسيون ۽ ٽيبلون ڪافي سال پراڻيو آهن جيڪي ٽٽي مڪمل تباه ٿي ويون آهن ۽ فنيچر پورو نه هجڻ جي ڪري اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: ڳوٺ سهڙا جي اسڪول ۾ ناڪاره بڻيل فرنيچر جو ڏيک

نوابشاهه ۾ خاص معاون جاويد ناياب لغاري پاران رمضان بچت بازار جو اوچتو دورو

نوابشاهه (رپورٽر) وزير اعليٰ سنڌ جي خاص معاون جاويد ناياب لغاري پاران رمضان بچت بازار جو اوچتو دورو عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ واسطيدار عملدارن کي هدايتون جاري تفصيل موجب وزير اعليٰ سنڌ جي خاص معاون جاويد ناياب لغاري اڄ ضلع انتظاميه شهيد بينظيرآباد پاران لڳايل رمضان بچت بازار جو اوچتو د/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

يونين ڪائونسل ڪاهي ممن جي برسات ۽ هٿرڊو ٻوڏ واري پاڻي نيڪال ڪرائيندڙ ٽيم پاران دورو

ٽيم جي ميمبرن ايڊوڪيٽ امر امتياز حسين ميمڻ، اعجاز ممنائي، دبيرالحسن لاڙڪ ۽ ٻين دورو ڪيو

ٽيم جي ميمبرن گل محمد بلر، الله ڏتو راڄپر ۽ فضل محمد لوهاڄ جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ جهڻن جو جائزو ورتو

اسان لاءِ فرشتا بڻجي آيا جن ٽن مهينن کان پوءِ اسان کي پنهنجي اباڻن ڪکن ۾ پهچايو آهي: متاثرين جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (ٻر) يونين ڪائونسل ڪاهي ممن جي برسات ۽ هٿرڊو ٻوڏ واري پاڻي نيڪال ڪرائيندڙ ٽيم جو مختلف ڳوٺن جو دورو، 90 سيڪڙو پاڻي نڪرڻ تي علائقي واسين کي مبارڪون ڏينڊي ٽيم جي ميمبرن ايڊوڪيٽ امر امتياز حسين ميمڻ، اعجاز ممنائي، دبيرالحسن لاڙڪ، سيد رياض حسين شاهه، نصير احمد پنهور ۽ گل حيدر لاڙڪ پاران ڳوٺ حمل پنهور،سيد چٽل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ديرو پاران ڪامريڊ پنهل پنجوديرائي کي ڀيٽا پيش

ڪامريڊ پنهل پنجوديرائي کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ سندس ياد ۾ ادبي ريفرنس جو اهتمام ڪيو ويو

سماجي شخصيت ۽ علم ادب جو پارکو ۽ عملي طرح خاموش خدمتگار هيو: محمد پنهل قادري

سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جو روح رواں ۽ اڳواڻيءَ ڪندڙ متحرڪ ڪردار هيو: ڳالهيون

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ديرو پاران سنڌ جي علمي ادبي، سياسي سماجي شخصيت استاد مرحوم محمد پنهل قادري "ڪامريڊ پنهل پنجوديرائي" کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ سندس ياد ۾ ادبي ريفرنس جو اهتمام ڪيو ويو هن تقريب ۾ علمي ادبي، صحافتي سياسي سماجي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيون صدارتي خطاب ڪندي سنڌي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نئون ديرو: سنڌي ادبي سنگت پاران ڪامريڊ پنهل پنجوديرائي کي ڀيٽا پيش ڪئي پئي وڃي

سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي صابو راهو اسٽاپ وٽ نامعلوم شخص جو لاش هٿ

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي صابو راهو اسٽاپ وٽ لڳ ڀڳ 40 ورهين جي نامعلوم شخص جو ڏڪل لاش هٿ آيو آهي اطلاع ملڻ تي همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي لاش جي سڃاڻپ نه هئڻ سبب ڊاڪٽرن پاران ضروري ڪاغذي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نادرا آفيس ميرپورساڪرو ۾ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ وارن سان عملي پاران زيادتيون جاري

نادرا جي عملي جو وڏو ويڏن ڪري عام ماڻهن کي پريشان ڪيو وڃي ٿو: شهرين جو الزام

ٽوڪن من پسند ماڻهن کي ڏنا وڃن ٿا ۽ بغير سفارشي ماڻهو مايوس ٿي واپس موٽيو وڃن ٿا

نادارا آفيس ۾ شفارشي ۽ پنهنجي نوازش وارو سسٽم هلندڙ آهي قورن پنهنجي نوازش کي بند ڪيو وڃي

ٺٽو (ٻر) نادرا آفيس ميرپورساڪرو ۾ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ وارن سان نادرا جي عملي جو وڏو ويڏن ڪري عام ماڻهن کي پريشان ڪيو وڃي ٿو، عام ماڻهن جو چوڻ آهي ته اسان هر روز رات جو 3 بجي کان قطار ۾ اچي بيهون ٿا پوءِ به ٽوڪن نٿو ملي سڄي ڏينهن ۾ صرف 80 ٽوڪن جاري ٿين ٿا اهي به سفارشي ۽ من پسند ماڻهن کي ڏنا وڃن ٿا ۽ بغير سفارشي ماڻهو مايوس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 04 اپريل 2023 ع

سنڌ جي يونيورسٽين کي "جنگي ڪئمپ" نه بڻايو

سنڌ جي اعليٰ تعليم جا ادارا بدخواهه قوتن جي نشاني تي رهندا آيا آهن. ڪڏهن مادر علمين تي ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان هلان ڪئي ويندي آهي ته ڪڏهن تعليم جا در بند ڪرڻ لاءِ نوان بهانا ڳوليا ويندا آهن. ڪو وقت هو، جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ، "بند يونيورسٽي" جي سڃاڻپ جوڙي ورتي هئي، پر پوءِ جڏهن سماج جي سمورن ساڃهه وند پرتن، سياسي ڌرين، سول سوسائٽي ذميواري محسوس ڪئي ته. انهن جي ڪوشش سان بهتريءَ ڏانهن وک وڌڻ لڳي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تعارف جو حوالو ماضيءَ جي ڪٻاڙخاني جي حوالي ٿي ويو پر سنڌ جي اعليٰ تعليم سان وڏو ويراهو رکيو ويو جو ان بدامنيءَ کي جواز بڻائي مادر علمي کي "فتح" ڪيو ويو ۽ هاڻي ته هيءَ يونيورسٽي مستقل طور تي خوف جي ڪوهيڙي ۾ وڪوڙيل رهي ٿي. ڪڏهن تلاشيءَ جي بهاني سان هاسٽلن تي چڙهائي ته ڪڏهن شاگردن تي دهشتگرديءَ ۽ بغاوت جا ڪيس! يونيورسٽي انتظاميا جو رويو به انتهائي حيرت جوڳو آهي، جنهن يونيورسٽيءَ ۾ آزاد ۽ تعليم دوست ماحول جوڙڻ لاءِ ڪا به وک نه کنئي آهي. شاگردن جا هزارين مسئلا آهن. ميس، لائبريري، پيئڻ جي پاڻيءَ جا مسئلا حل نه ڪري سگهندڙ يونيورسٽي انتظاميا هراس جو ماحول جوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي ٿي. ان ماحول ۾ عافيت ان ڪري سمجهي وڃي ٿي ته جيئن انتظاميا هر پڇائي کان بچيل هجي.

يونيورسٽين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ سانت ۽ سڪون جو سٽائو واءُ تڏهن گھُلندو، جڏهن شاگرد يونين جي بحالي ٿيندي. هڪ پاسي جمهوريت پسنديءَ جي دعويٰ ته ڪئي وڃي ٿي پر ٻئي پاسي شاگرد يونين جي بحاليءَ جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي يا وري صرف اعلانن ۽ بيانن جي حد تائين، صرف پاڻ کي لبرل ڳڻائڻ لاءِ ان جي حمايت ڪئي وڃي ٿي. 1983 ع واري جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ (ايم آر ڊي) کانپوءِ آمر ضياءَ تي جيڪو خوف طاري ٿيو، ان تحت هن جيڪي قدم کنيا، انهن ۾ هڪ ته شاگرد يونين تي پابندي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڌاڙيل ۽ شهرن ۾ دهشتگرد پيدا ڪرڻ هو. جنرل ضياءَ جي آمريت ۾ 1984 ع ۾ شاگرد يونين تي پابندي وڌي وئي، جيڪا لڳ ڀڳ 40 سالن کان برقرار آهي. حڪومت عدالت عظميٰ جي هڪ پراڻي حڪمنامي پٺيان لڪندي رهي آهي. وفاقي حڪومت، جنهن ۾ جمهوريت لاءِ گهڻيون قربانيون ڏيندڙ پ پ پ به شامل ۽ حصيدار آهي، اها ان حوالي سان عدالت ۾ "نظرثاني اپيل" داخل ڪرائي سگهي ٿي، پر ائين نٿو ڪيو وڃي، جنهن مان هن اهم معاملي ڏانهن سرڪار جي سنجيدگيءَ جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. هن وقت اعليٰ تعليمي ادارا ۽ يونيورسٽيون بليڪ ميلنگ ۽ هراسمينٽ جا ڳڙهه بڻيل آهن. شاگردياڻيون استادن جي بليڪ ميلنگ جو نشانو بڻجن ٿيون. شاگردن کان في ته ورتي وڃي ٿي پر انهن کي نه سهولتون ميسر آهن ۽ نه ئي تعليم دوست ماحول ميسر آهي. انتظاميا کان ڪو به پڇاڻو ڪونهي، پر شاگرد يونين "چيڪ اينڊ بيلنس" جو ذريعو رهيون آهن. شاگرد يونين بحال ٿيڻ سان نه صرف تعليمي معيار ۾ بهتري ايندي، پر تعليم لاءِ بهتر توڙي پرامن ماحول ميسر ٿي سگهندو. شاگرد سماج جو باشعور پرت آهن. اهي شاگرد يونينون ئي آهن، جيڪي قومي سياست کي تربيت يافته ۽ نظرياتي ليڊرشپ مهيا ڪن ٿيون. گل محمد جکراڻيءَ کان رضا رٻانيءَ تائين شاگرد يونين جا اڳواڻ قومي سياست جي مک ڌارا ۾ آيا. صرف اهوئي نه، تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين صحتمند نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

هڪ آمر جي وڌل پابنديءَ کي چار ڏهاڪا گذرڻ باوجود ختم نه ڪري سگهڻ ڪهڙي سنجيدگيءَ کي ظاهر ڪري ٿو؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، شاگرد يونين جي بحاليءَ لاءِ اعلانن کان اڳتي وڌي عملي قدم کنيا وڃن ۽ جمهوريت پسنديءَ وارين دعوائن جو ڀرم رکيو وڃي. قانوني رڪاوٽون دور ڪرڻ لاءِ عدالت عظميٰ ۾ ريويو پٽيشن جي ضرورت پوي ته اها پڻ وفاقي حڪومت طرفان داخل ٿيڻ گهرجي. پ پ پ به وفاقي حڪومت جو حصو آهي، ان ڪري ان حوالي سان پ پ پ تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي.

شهيد قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو بمبئي کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو تائين جو سفر

علي اعجاز شيخ

5 جنوري 1928 ۾ برِ صغير جي ممتاز سياسي شخصيت ۽ جيانوي راجپوت خاندان سر شاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ هڪ اهڙي ستاري جنم ورتو جنهن مستقبل جي مظهرنامي ۾ محڪوم ۽ مظلوم طبقي لاءِ حريت فڪر جدوجهد مسلسل بي باڪي اظهار ۽ مزاحمت جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي جنهن کي مظلوم عوام قائد عوام ۽ مهذب دنيا سياسي تاريخ ۾ دانش لياقت ۽ مزاحمت جي علامت قرار ڏنو چمڪدار اکين واري شهزادي جو نالو ذوالفقار علي ڀٽو رکيو ويو جيڪو تاريخ ۾ مظلوم ۽ محڪوم عوام جو هيرو ثابت ٿيو ڀٽو سر شاهنواز ڀٽو ۽ خورشيد بيگم جي جهولي ۾ کيڏڻ وارو ٽيون فيملي ميمبر هيو سندس هڪ ڀاءُ ننڍپڻ ۾ ٻيو ڀاءُ 39 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو سندس والد صاحب حيثيت هيو جنهن سبب ننڍڙي ذوالفقار علي ڀٽو جي شروعاتي تعليم بمبئي جي ڪيٿڊرل ۽ جون ڪونز اسڪول جو انتخاب ڪيو ويو هيو سياست ته سندس والد کان ورسي ۾ مليل هئي پر اهڙين درسگاهن هن جي صلاحيتن ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو شروعات ۾ نيشنلسٽ نالي سماجي تحريڪ جو فعال ڪارڪن رهيو ۽ پوءِ هڪ شاگرد جي حيثيت سان تحريڪ پاڪستان ۾ ب پنهنجو حصو ادا ڪيو هي اهو دور هيو جنهن برصغير جي سياسي فضا ۾ هلچل بيچيني ۽ انقلابي تحريڪن ڀٽو جي سياسي ڪمن جي خوب تعريف ڪئي ۽ انهن عملي طور تي هڪ عظيم سياسي انقلاب جو عملي تجربو ڪيو 1943 ۾ ڀٽو صاحب شادي جي بندڻ ۾ ٻڌجي ويو' جيڪا گهڻو وقت هلي ن سگهي 1947 ع ۾ هو آمريڪا هليو ويو جتي هن پوليٽيڪل سائنس ۾ داخلا ورتي هتي ذهين ۽ خوش خيال ڀٽو علمي دانش جي نون جهانن جو مزو ورتو نئين علمي ۽ فڪري سماجي ماحول مان ان جي نظام فڪر نئين چاهتن سان هر خيال ٿيرهتان جرشيلي ڀٽو جي سوشل عزم ۽ ٻين فلسفاتي ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون ان کان پوءِ ڀٽو خاص طور تي سوشلزم جو مطالعو هن طريقي سان ڪيو ان جا بنيادي فلسفلي ۽ معروضي حالات ۽ مسلم دنيا ۾ با قائدي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيا نئين فڪر ۽ نظرئي سان ڀٽو تيار ٿيو 1950 ۾ ڀٽو برطانيا جو رخ ڪيو جتي هن يونيورسٽي آف آڪسفورڊ مان ايل ايل بي ۽ ايل ايل ايم ۽ ان کان پوءِ بيريسٽري جي ڊگري حاصل ڪري ورتي ۽ پوءِ 1958 ع ۾ ڀٽو جي زندگي ۾ هڪ خوشگوار ڏينهن آيو ۽ هو ٻيهر شادي جي بندڻ ۾ ٻڌجي ويو هن ڀيري ڀٽو جي گهر واري جو شرف بيگم نصرت اصفهاني کي مليو جيڪو بعد ۾ بيگم نصرت ڀٽو سڏرائڻ لڳي ڪراچي ۾ رهائش پذير صاحب حيثيت ايراني خاندان جي خوش شڪل ڪشادا فڪر ۽ ذهين خاتون 1952 ع ۾ ڀٽو جي گهر ۾ بينظير ڀٽو جنم ورتو' 1954 ع مير مرتضيٰ ڀٽو 1957 ع ۾ صنم ڀٽو ۽ 1958 ع ۾ شاهنواز ڀٽو جي پيدائش ٿي هتان کان شهيد ڀٽو جي سياسي سفر جي شروعات ٿي 1957 ع ۾ هو سڪندر مرزا جي ڪابينا جي ننڍڙي عمر هوندي ب رڪن چونڊجي ويو ۽ اقوام متحدا ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي ڀٽو جي ذهانت جوش جذبي کي ڏسندي 1958 ع ڀٽو کي صدر ايوب خان جي ڪابينا ۾ وزارت پاڻي ۽ توانائي جو قلمدان ڏنو ويو 0 خدا جي طرفان مليل صلاحيتن کي ڏسندي 1960 ع ۾ ڪامرس اطلاعات ۽ صنعتن جون وزارتون ب ڏنيون ويون ڀٽو پنهنجي لياقت ۽ ڪارڪردگي سبب صدر ايوب جي انتهائي قريبي ۽ اعتمادي هجڻ سبب سياسي مشير جو عهدو پڻ حاصل ڪيو ڀٽو جو سياسي نظام فڪر سوشلزم ۾ طاقت رکندو هو ڀٽو سوشلزم کي صرف فلسفي جي حدن تائين ن بلڪي زميني حقيقتن مطابق سمجهڻ جي صلاحيت رکندڙ رهندو هيو پر هو ان مقام جي انتظار ۾ هوندو هيو جڏهن هو پنهنجي سياسي نظرئي جي عملي تعبير لاءِ قدم کڻي سگهي اها ئي وجه آهي جڏهن هو 1963 ع ۾ وزيرخارجا مقرر ٿيو انهن عالمي تناظر ۾ پاڪستان جي خارجا پاليسي ۾ درست سنت فيصلو ڪيو چين سان ويجهڙائپ جي بنياد وجهي ڇڏي انهن تعلقات کي وڌيڪ ويجهڙائپ رکندي ان بري وقت ۾ چين جو ساٿ ن ڇڏيو جڏهن تعوان جي مسعلي تي سوويت يونين سميت ڪيترن اهم ملڪن چين کي اڪيلو ڪري ڇڏيو بطور وزيرخارجا ڀٽو کي ان ڳالهه جو علم هيو ت چين کان ايندڙ وقت ۾ عالمي سياست جي هڪ فيصلا ڪن سياسي ۽ اقتصادي طاقت جي طور تي ايرندڙ ملڪ آهي اها ڀٽو جي سياسي بصيرت جا نتيجا هيا هڪ طرف پاڪستان عالمي فورمن تي چين جو مضبوط حامي هيو ٻي طرف آمريڪا ۽ روس جهڙي طاقتن سان ب تعلقات خوشگوار هيا هي اهو زمانو هيو جڏهن ڀٽو قومي سياسي منزنامي سان گڏوگڏ عالمي افق تي انفرادي حيثيت سان هڪ مضبوط ذهين ۽ ڪامياب سياستگر جي حيثيت سان پنهنجي سڃاڻپ ۽ ساک ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيو هن دليري ۽ بردباري ۽ مضبوطي واري انداز سان وزارت خارجا جون ذميوارين سنڀاليون ۽ ڪاميابي سان تيزي سان بدلجندڙ عالمي تناظر ۾ پاڪستان جي درست پاليسن جو فيصلو ڪيو عرب ملڪن جرمني سميت ڪيترن اهم يورپي ملڪن سان اقتصادي دفاعي معاهدن جي بنياد وڌي خطي ۾ ڀارت جي بالادستي کي چيلنج ڪيو ۽ ان جي عسڪري امداد تي آمريڪا جهڙين طاقتن کي بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي تنقيد جو نشانو بڻايو : 1965 ع جي پاڪ ڀارت واري جنگ کان پوءِ پارٽي وزير اعظم لال بهادر شاستري سان گڏ تاريخي معاهدا تاشقند ۾ ب ايوب خان کي ڀٽو جو سات حاصل رهيو. ۽ سرحدن تي پراڻن سرن تي حد بندين ۽ قيدين جي پرتين سميت ڪيترن معاهدن خوشصلوبي سان انجام ڏنا قائد عوام پنهنجي ذميوارن سان ايوب خان جو ڀرپور ساٿ ڏنو پر ان سان گڏوگڏ ايوب خان جي غلط پاليسن سبب جرئت ۽ بهادري سان شديد تنقيد جو نشانو پڻ بڻايو جون 1966 ع ۾ ڀٽو حالات جي نزاڪت کي ڏسندي حڪومت جي رويي ۽ هٺ ڌرمي کي ڏسندي ايوب خان کي پنهنجي استيفا ڏيندي پنهنجو پاڻ کي عوامي عدالت ۾ پيش ڪيو عوام ڀٽو جي ان فيصلي کي انتهائي قدر جي نگاهن سان ڏٺو جيڪي ڀهريان ٿي ڀٽو جي دليرانا ۽ ڀٽو جي سياسي بيسرت ڪمن جا ديوانا هيا ايوب ڪابينا جي استيفا کانپوءِ عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي شڪل ۾ هڪ عظيم قاعد جو ظهور ڏسي رهيا هيا هو جاڏي ب وڃي عوام جو سمنڊ اٿلي پوي هاڻي ڀٽو سان وابسطا ماڻهن جي اميدن جو داعرو وڌندو پيو وڃي هاڻي هو چاهين پيا ت ڀٽو قيادت پنهنجي هٿ ۾ وٺي انهن عوامي خواهشن سبب 30 نومبر 1967 ع ياري درينا ڊاڪٽر مبشر حسن جي رهائشگاه تي ٻين نظرياتي سائين سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو اسلام اسان جو عقيدو سوشلزم اسان جي معيشت جمهوريت اسان جي پاليسي جو نعرو بلند ڪيو.ان ڏينهن پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي نظرئي ۽ فڪر جنم ورتو جنهن پوري ملڪ جي روشن خيال ڪشادا فڪر لبرل جمهوريت پسند ۽ سوشلسٽ قوتن کي اصولي جدوجهد ڪرڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم ۽ قيادت فراهم ڪئي پيپلز پارٽي جو قيام ايوب حڪومت جي لاءِ ڪنهن نقصان کان گهٽ ن هيو ڀٽو حالات جي نزاڪت کي سمجهندي انتخابات جي فورن بعد ڊاڪٽر مبشر حسن کي بنگلاديش رواتو ڪيو جيڪو شيخ مجيب الرحمان کي گڏيل حڪومت ٺاهڻ لاءِ راضي ڪري ورتو هيو پر جنرل يحيا خان جي سبب معاملن کي تباهي جي طرف پهچائي ڇڏيو شيخ مجيب ڍاڪا ۾ اجلاس گهرايو پاڪستان کان عليحدگي جو فيصلو ڪيو ۽ بنگلاديش جو قيام وڌو يحيا خان فوري طور تي فوجي آپريشن جو حڪم ڏنو ۽ جنرل يحيا خان کي گرفتار ڪري اڊيالا جيل ۾ بند ڪيو ويو ڀٽو غيردانشمندانا طورتي جنرل يحيا کي تنقيد جو نشانو بڻايو ت ان کي ب اڊيالا جيل ۾ بند ڪيو ويو آخرڪار بيروني سازشن تحت 16 ڊسمبر 1971 ع تي پاڪستان ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي ويو ۽ مشرقي پاڪستان دنيا جي اندر بنگلاديش جي نقشي ۾ هڪ آزاد رياست بڻجي ويو 20 ڊسمبر 1971 ع تي جنرل يحيا خان استيفا ڏيندي اختيارات ڀٽو جي حوالي ڪيا ان وجه سان هو پاڪستان جو پهريون سولين مارشلا ايڊمنسٽريٽر بڻيو هي اهو وقت هيو پاڪستاني قوم ٽٽندي نظر اچي رهيو هيو ان وقت ب ڀٽو صاحب هڪ ڀيرو ڀيهر اميد جو روشن ستارو بڻجندي نظر آيو ڀٽي ان وقت پنهنجي هٺ جو مڪو ڏيکاريندي همت بهادري سان واڳا جي جنگ وڙهڻ جو اعلان ڪيو هي پاڪستان جي تاريخ جو نازڪ ترين دور هيو ملڪ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيل هيو عوام مايوس هئي صنعتون تباهه هيون معيشت تباهه ٿي چڪي هئي ۽ 93 هزار قيدي ڀارت وٽ قيد هيا جتي پاڪستان بيروني خطرن سان گڏوگڏ اندروني خطرن ۾ ڀيل هو ملڪي وحدت ۽ سانحاعي سبرت ڍاڪا کانپوءِ قوميت جي نالي سان ڪيترن ئي اندروني خطرات جي هوندي اهڙي وقت ۾ ڀٽي هڪ عظيم قائد جو ڪردار ادا ڪيو ۽ وفاقي ۽ پارلياماني نظام بحال ڪرڻ لاءِ نئين آئين جي ڳالهه ڪئي جمهوري سفر کي بچائڻ لاءِ اپوزيشن جماعتن کي اعتماد ۾ ورتو جنرل يحيا خان جي نظربندي جو حڪم ڪيو شيخ مجيب الرحمان کي قيد مان آزاد ڪيو قوميت جي نالي سان ٿيندڙ اندروني فساد کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ڀرپور خوفيا فوجي آپريشن جو اعلان ڪيو نئين ڪابينا ۽ نئين آرمي چيف جي تقرري جو اعلان ڪيو سوشلسٽ اقتصادي انقلاب لاءِ 1972 ع ۾ تمام وڏين صنعتن کي قومي تحويل ۾ ورتو ٽريڊ يونينز ۽ مزدورن جي فلاح لاءِ نئين ليبر پاليسين جو اعلان ڪيو زرعي اصلاحات ڪندي بنگلاديش کي سياسي طور قبول ڪري ورتو تدبر ۽ فراست جو ثبوت ڏنو ڀارت سان شملا معاهدي کانپوءِ 93 هزار قيدي آزاد ڪرايا پنج هزار اسڪوائر ميٽر جو علائقو واپس ورتو ۽ ڪشمير جي سرحد تي سيز فائر جو اعلان ڪيو 14 آگسٽ 1973 ع تي ڀٽو اڪثريتي رائي سان وزيراعظم ۽ فضل الاهي چوڌري صدر منتخب ٿيا پنهنجي پنج سالا دور حڪومت ۾ ڀٽو سنگين مسئلن جي هوندي پاڪستان کي خوب ترقي جي سفر طرف گامزن ڪيو 1973 ع جو آئين ڀٽو جو اهو عظيم ڪارنامو آهي جنهن تي پاڪستاني تاريخ هميشا شڪر گذار رهندو پاڪستان تي ڀٽو جو ٻيون وڏو احسان نيو ڪليئر پروگرام آهي جنهن لاءِ هن مرد مجاهد گاهه ڪائڻ جو اعلان ڪيو عالمي سطع تي هن منصوبي جي بنياد گذار ۽ باب تسليم ڪيو ويو 1977 ۾ ڀٽو خلاف 9 جماعتي پاڪستان نيشنل الائنس اتحاد جڙيو جمهوريت پرست ڀٽو ان موقعي تي ب جمهوري قوتن جي جزبات جو احترام ڪندي اليڪشن جو اعلان ڪيو اليڪشن ۾ نيشنل الائنس کي شڪست ملي هڪ ڀيرو ڀيهر ڀٽو کي عوام طرفان ڀرپور موٽ ملي ڪاميابي هڪ ڀيرو ڀيهر پيپلز پارٽي جا قدم چميا پر جمهوريت جو راڳ ڳائڻ واري هن الائنس ڀٽو جو عوامي مينڊيٽ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي اليڪشن ۾ ڌانڌلي ۽ برغظ ۽ بي بنياد الزام هڻندي ملڪ ۾ افراتفري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي 8 جنوري 1977 ع ۾ جمهوري قوتن جي گڏيل بيوقوفين سبب هڪ ڀيرو ڀيهر آمريت کي خوش آمديد ڪيو عوام جي محبوب اڳواڻ هردل عزيز رهنما جي منتخب حڪومت جو تختو اونڌو ڪندي ڀٽو جي نامزد ڪيل چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءالحق ملڪ ۾ مارشلا لاڳو ڪري ڇڏي عوام جي جنگ وڙهندڙ ڀٽو کي جيل ۾ بند ڪيو ويو آمر ضياءَ ملڪ ۾ 90 ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو جيڪو هرگز پورو ڪون ڪيو ويو جيل مان جڏهن آزادي ملي ت تاريخ هڪ ڀيرو ڀيهر ببر شير کي للڪاريندي آمريت جو جنازو ڪڍندي هڪ ڀيرو ڀيهر ڀٽو عوام جو آواز بڻيو ۽ پورو پاڪستان پنهنجي محبوب قائد سان گڏ بيٺو هيو عوامي رائي جوش ۽ جزبو آمريت ۽ ان جي منصوبا سازن لاءِ ڪنهن سنگين خطرن کان گهٽ ڪون هيو لهازا اڳتي ڪهاڻي جو اسڪرپٽ تمام گهري سوچي سمجهي سازش تحت رکيو ويو حق سچ مزاحمت جي هي آواز هڪ دفعي سان هميشا لاءِ بند ڪئي وڃي عوامي غصي سبب گهٽي گهٽي شهر شهر احتجاج ۽ صدر ايوب جي استيفا جو مطالبو زور پڪڙڻ لڳو حڪومت عوامي مطالبي کي منظور ڪرڻ جي بدران ڀٽو کي گرفتار ڪري اڊيالا جيل موڪليو ويو عوامي مزاحمت کي ڏسندي جنرل ضياءُ باقيات کي جهڪڻو پيو ڀٽو کي آزاد ڪيو ويو صدر ايوب پاران راولپنڊي ۾ ٿيندڙ گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني جتي انهن ايوب خان جي دور اقتدار ۾ شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن نقاطي ايجنڊي کي يڪسر مسطرد ڪري ڇڏيو بلا آخر ڀٽو جي عزم زمين ۽ عوامي بيچيني آڏو حڪومت کي جهڪڻو پيو 1969 ع ۾ صدر ايوب استيفا ڏيندي اقتدار جنرل يحيا جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن ڊسمبر 1970 ع ۾ ملڪ عام انتخاب جو اعلان ڪندي ڪنهن حد تائين سياسي بيچيني جو خاتمو ڪري ڇڏيو 1970 ع جي عام انتخاب ۾ پيپلز پارٽي کي 81 سيٽن سان گڏ مغربي پاڪستان ۾ اڪثريتي پارٽي جي طور تي سامهون آئي جڏهن مشرقي پاڪستان ۾ عوامي ليگ شيخ مجيب الرحمان جي قيادت ۾ 162 سيٽون حاصل ڪري واضع برطري حاصل ڪري ورتي جنرل يحيا خان شيخ مجيب کي اقتدار حوالي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو 1977 ع ۾ ڀٽو کي نواب احمد خان قصوري جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو فخرالدين جي ابراهيم عبدالحفيظ پيرزادو يحيا مختيار تي مشتمل قانوني ماهرن تي مشتمل ڀٽو جي طرفان مقدمي جي پيروي ڪئي 10 ڏينهن کانپوءِ ڀٽو کي آزاد ڪيو ويو ڀٽو جي شخصيت کان ڊڄندڙ آمر ضياءَ ڀٽو جي ضمانت منظور ڪندڙ جج جو ٽرانسفر ڪندي ٽن ڏينهن کان پوءِ وري ساڳئي ڪيس ۾ ڀٽو کي گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ عدل ۽ انصاف سان اهڙو بدترين تماشو ٿيو جنهن جو مثال تاريخ ۾ ڪون ملي ٿو عدالتي قتل جو هي شرمناڪ ڊرامو پنهنجي مقصد تي پهتو سازش کيو پاڪستان دشمن جون سازشون ڪامياب ٿي ويون 18 مارچ 1978 ع تي پاڪستان جي ان محسن کي عدليا اسٽبلشمنٽ ۽ خفيا ايجنسين جي ملي ڀڳت سان ن ڪندڙ گناهه جي سزائي موت ٻڌائي وئي جنهن سڄي زندگي عوام ۽ پاڪستان لاءِ آواز بلند ڪئي ۽ صالميت جي محاذ تي جيڪو مکي جنگ وڙهندو رهيو هن حيران ڪن ۽ شرمناڪ فيصلي جي ڪمين خامين ڪوتاهين ۽ زيادتين تي تبرو ڪندي سڄي ڪاروائي جو عيني شاهد سابق امريڪي اٽارني جنرل رمسي ڪلارڪ فيصلي کي مزاڪ قرار ڏيندي لکي ٿو مقدمي جي گواهن کي ان وقت تائين پوليس جي حراست ۾ رکيو ويو جيستائين انهن اعتراف ن ڪيو جيڪي هر وقت پنهنجا بيان بدلائيندا رهيا ۽ اگر پيش ڪندڙ شهادتن تي يقين ڪيو ب وڃي ت پوءِ ب ڀٽو کي قصور وار ثابت نٿو ڪري سگهجي صرف رمزي ڪلارڪ ن پر دنيا پرجي ماهرين قانون مدبر سياستدانن دانشورن انساني حقوق جي علمبردار تنظيمن سربراهاني مملڪت فيصلي کي غير منصفانا ۽ صاف ظلم قرار ڏيندي ڀٽو جي رهائي جو مطالبو ڪيو پر احسان فرموش آمر جنرل ضياءالحق جي دماغ ۾ ڪجهه ٻيو هيو اسڪرپٽ جي مطابق تمام معاملي آساني سان ٿي رهيا هيا دنيا جي اکين ۾ مٽي وجهندي قاعد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي منظر تان هٽائڻ جو منصوبو ڪامياب ٿيندي نظر اچي پيو آمر ضياءَ کي قاعد عوام جي قتل جي ايتري ت جلدي هئي عدالتي حڪمن ۽ انصاف جي تمام طر تقاضائن کي پنهنجي پيرن هيٺان مروڙيندي سمورين اپيلون خارج ڪيون ويون ڀٽو جي عدالتي ترائل دل خراش ۽ شرمناڪ ڪهاڻي هن حقيقت جو ثبوت آهي ت فوجي آمر ۽ انهن جي آقا ڀٽو کي مشتي ستمر بڻائڻ جو پورو پلان ڪري چڪا هيا جڏهن ت نام نهاد عدالتون ترائل جو ڊرامو صرف دنيا جي اکين ۾ مٽي وجهڻ لاءِ ڪيو ويو هيو پر ظالم جي ڪاب جبر ڀٽو جي سر کي جهڪائي ڪون سگهيو هن مرد آزاد روڻ جهڪڻ ۽ آمريت جي قدمن ۾ ڪرڻ کان صاف انڪار ڪندي قلق شغاف الفاظن ۾ اعلان ڪندي چيو تاريخ جي هٿان مرڻ کان بهتر آهي مان آمر جي هٿان مارجي وڃان چمڪندڙ اکين واري ڀٽو موت جي سياحي کي شفق آسان نظرن سان ڏٺو ۽ 4 اپريل 1979 ع ۾ انقلاب حريت دانش مزاحمت فڪر طرفو استلال يقين جدوجهد جي هي سبز ۽ حيات آفرين علامت قربان ٿي وئي اڄ شهيد قاعد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي عقيدت احترام سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملهايون پيا شهيد ڀٽو اڄ ب اسان جي دلين ۾ زندا آهي

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذكُرُونِي اَذكُر كُم'، اِيَ پَروڙج بات؛
هَتِ كاتي ڳُڙ واتِ، پُڃڻُ پَرِ پَرينِ جي.

رمضان شريف جو ڀلارو مهينو ۽ عوام مٿان مهانگائي جي مُصيبت؟

ميرحسن رند

ڪنهن دور جي ڳالهه آهي ته رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ وڏو احترام ڪيو ويندو هيو ۽ هر شيءِ ۾ سستائي ڪئي ويندي هئي غريبن مسڪينن جو وڏو خيال رکيو ويندو هيو جنهن جي گهر ۾ کائڻ پيئڻ جي لاءِ ڪجهه نه هوندو هيو ته ان جي سرندي وارا مدد ڪندا هئا ۽ رستي تان گذرندڙ بکايل جي بک ۽ اڃايل جي اڃ ختم ڪئي ويندي هئي پر هاڻ دور ۾ نه ڪير ڪنهن کان پڇڻ وارو ٿي نه آهي قدرتي مالي وسيلن سان مالا مال ۽ ٽائون جي ماهوار هڪ ڪروڙ سٺ لک جي لڳ ڀڳ بجيٽ رکندڙ تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ۾ هن مهانگائي جي دور ۾ شايد اسان سڀني مسلمان پائرن مان ايمان نڪري ويو آهي ڪير ڪنهن جي درد ڏک جي خبر نه ٿو رکي هر ڪو پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ پورو آهي جڏهن ته مقدس ۽ فضليت وارو مهينو رمضان شريف جو مهينو وري پنهنجون رحمتون کڻي آيو آهي پر رمضان شريف جو بابرڪت مهينو شروع ٿيندي ئي مهانگائي جو ميزائيل ٽوپ مان ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ کاڌي پيتي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهائڻ لڳندا آهن اهي چوٽ چڙهيل اگهه رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ به عوام جو جيئڻ جنجال ڪري سندن رت چوسي وٺندا آهن. ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ۾ مارڪيٽ جي اگهن موجب ٻاڪرو گوشت 18 سئو کان 2000 روپيه في ڪلو، ڪڪڙ جو گوشت 600 کان 700 روپيه في ڪلو، ٽماٽا 80 کان 100 روپيه في ڪلو بصر 160 کان 180 روپيه في ڪلو پٽاٽا 80 کان 100 روپيه في ڪلو ميها 180 کان 200 روپيه في ڪلو ڀينڊيون 200 کان 250 روپيه في ڪلو وري فروٽ ڏانهن رخ ڪجي ۽ ڏسجي ته فروٽ جا اگهه به ڪي گهٽ نه آهن هتي وڏن جي ڪهاڻن جيڪڏهن نون سير آهين ته اٽون وري ٿو کان وڌيڪ سوا سير آهيان هتي صوف 300 کان 400 روپيه في ڪلو ڪيلا 180 کان 200 روپيه درجن چڪو 250 روپيه ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا آهن رمضان شريف جي هن بابرڪت مهيني ۾ ضلعي انتظاميه توڙي حڪومت طرفان مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪي به جوڳا اپاءَ نه ورتا ويا آهن. واپاري، دڪاندار ۽ ريڙهي وارا چڙواڳ ٿي پنهنجا من پسند ريٽ لڳائي عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرلٽ ڪري رهيا آهن. ڪائنس ڪير به پڇڻ وارو ئي نه آهي. اسان کي هميشه وٽان اهو سبق مليو آهي ته رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ جيترين به نيڪيون ڪجن اوترين گهٽ آهن جڏهن ته هن بابرڪت رمضان شريف جي مهيني ۾ الله پاڪ پنهنجي ٻانهي جي دل جي هر دعا قبول ڪندو آهي ۽ جيڪي هن مهيني ۾ گناه ڪن ٿا انهن کي اڳئين جهان ۾ سخت کان سخت سزا ڀوڳڻي پوندي. رمضان شريف جي مهيني ۾ گهڻي ڀاڱي مسلمان مسجدن جو رخ ڪندا آهن ۽ پورو مهينو عبادتن ۾ مصروف رهندا آهن تنهن وقت ائين لڳندو آهي جڻ شيطان واقعي ئي ٻوتل ۾ بند ٿي ويو آهي پر حقيقت ۾ ائين ناهي هوندو ڪافي مسلمان واپاري دڪاندار هن ڀلاري مهيني ۾ به هٿرادو ريٽ وڌائي مسڪينن کي ٻنهي هٿن سان پيا لٽيندا ڦريندا آهن جيتوڻيڪ منهنگائي جي عذاب کي گهڻي ڀاڱي غريب طبقو ڀوڳي ٿو جيڪو مسڪين روزيدار پنهنجي پيٽ بکايل معصوم ٻارڙن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري پنهنجي جسم جو پگهر وهائي تغاري مٽي تي ڪلي سڄو ڏينهن لوهه ڪُٽي، سڄو ڏينهن ڀٽن جي چمنين ۾ ٿڪي، سڄو ڏينهن ريڙهو ڌڪي، سڄو ڏينهن هوٽل تي ٻاهرواري ڪري، سڄو ڏينهن وزندار بورين ڪلهي تي کڻي، سڄو ڏينهن سيمينٽ، ريتي، پٿر جون ٽرڪون ڀري ۽ لاهي انهيءَ سڄي ڏينهن ۾ ان مزدور پورهيت کي صرف 300 کان 500 روپيه تاريخ ڪمائي ملي ٿي اهڙي طرح پوءِ اهو غريب مسڪين پنهنجي گهر جا ڪٿي ويندو هوندو ڇا هتان جي چونڊيل سياسي ليڊرن کي اها خبر نه آهي ته غريب روزيدار جڏهن گهر واپس ويندو افطاري جي وقت جڏهن هن جي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو ته هن جي دل مان ڪهڙي آهه نڪرندي ۽ ذهن تي ڇا تاري هوندي يا ان جي معصوم ٻارڙن جي دلين مان ڪهڙي آهه نڪرندي شايد ان ڳالهين جو انهن ماڻهن کي احساس ئي نه آهي ٻيو نه جيڪي معمولي منافعي خاطر انسانيت جي خدمت جهڙي عظيم پيشي کي وساري پنهنجو ضمير وڪڻي ويهندا آهن هي غريب پورهيت مزدور انهن کان اهو سوال ٿا پڇن ته اهي اهو نگي سان ڪمايل پئسو، غريبن کان ڦرلٽ ڪيل پئسو ڪيترا ڏينهن هلائيندا هوندا ؟ اها هتان جي حڪمرانن جي به نا اهلي آهي جو اهي مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪرائي سگهيا آهن جنهن جي ڪري هر ماڻهو ان مان ناجائز فائدو وٺي رهيو آهي جڏهن ته حڪومت طرفان لڳايل هر شهر ۾ بچت بازارن سميت يوٽيلٽي اسٽورن ۾ به غريب مسڪين ماڻهن کي ڪو رليف نه ڏنو ويو يوٽيلٽي اسٽورن تي به غريب عام مسڪين ماڻهو کي ڪنهن به قسم جي شيءِ سستي اگهه ۾ نه ٿي ڏني وڃي هر شيءِ جو ريٽ پنهنجو پنهنجو مقرر ڪيل آهي هڪ طرف حڪومت عوام سان واعدا ٿي ڪري ته اسان غريبن پورهيتن هارين نارين مزدورن جا همدرد آهيون انهن کي هر سهولتون ڏينون وينديون هڪ ته رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ ڪنهن به قسم جي مهانگائي تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو آهي مٿان وري هر روز هر شيءِ جا اگهه جڙت چاڙهيا پيا وڃن جيڪڏهن اسان وٽ سنا حڪمران هجن ها ته ڪنهن کي به ڪو غير قانوني قدم کڻڻ جي همت نه ٿئي ها. اهڙي صورتحال ۾ موجوده حڪمرانن کي وقتن ضرور سجاڳ ٿيڻ گهرجي ها پر هن رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪنهن به قسم جا ڪي جوڳا اپاءَ نه ورتا ويا ته هتان چونڊيل اقتدار جي ڪرسين تي پهچندڙن به ڪو ٻوٽو نه پاريو تڪ جا ماڻهو وڏي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن تڪ مان چونڊجي ويل ايم اين اي ۽ ايم پي اي پنهنجن وڏين گاڏين بنگلن ۽ اسيمبلين جي اندر ڪرسين تي مزا ماڻي رهيا آهن انهن کي هتان جي عوام تي رحم نه آهي نه ئي ڪا سوچ آهي ته ائين گهرجي ها ته هتان جا چونڊيل نمائندا ايم اين اي سيد نويد قمر شاهه ايم پي اي عبدالڪريم سومرو ۽ ايم پي اي اعجاز شاهه بخاري جي هن طرف توجه ڏئي عوام جي سهولت لاءِ شهرن ۾ نڪري اچي هر شيءِ جا اگهه معلوم ڪن ها ته جيئن انهن کي به معلوم ٿئي ته غريب مسڪين پورهيت مزدور طبقو سڄو سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري ڪيئن ٿو وقت گذاري ۽ هنن مسڪينن پورهيتن جي گهر جو چرخو ڪهڙي ريت هلي رهيو آهي پر اسان جي چونڊيل نمائندن وٽ ٽائيم ڪٿي آهي جو هو هتان جي عوام جا مسئلا ٻڌي ۽ انهن جو حل ڪري، ڪرائي سگهن ٻي ڳالهه ته هن سموري ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ جيتري قدر ذخيره اندوزي ٿئي ٿي شايد ٻئي ڪنهن به شهر ۾ نه ٿيندي هجي هر ماڻهو ذخيره اندوزي ڪري ٿو ان ذخيره اندوزي ۾ هتان جا بال آفيسر پڻ ملوث آهن ان ڪري هاڻي تڪ جي چونڊيل نمائندن. ڪامورن کي ايئرڪنڊيشن ڪمرن کان ٻاهر نڪري مارڪيٽن ۾ وڃي هر هنڌ تي ڏسڻو پئي ته ڪو واپاري ڪٿي ناجائز فائدو نه ته وٺي رهيو آهي. اڪثر ڪري واپاري طبقو رمضان شريف جي مهيني کان اڳ شين جو ذخيرو ڪندا آهن ته جيئن هو رمضان شريف جو مهينو شروع ٿيندي ئي ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن اهڙن ذخيره ڪندڙ واپارين جي گودامن تي ڇاپا هنيا وڃن انهيءَ سان گڏوگڏ مارڪيٽ جي روزاني صورتحال معلوم ڪئي وڃي ان حوالي سان نگراني ڪندڙ آفيسرن کي به بااختيار بڻايو وڃي هي ڀلارو مهينو آهي انهيءَ رحمتن واري ڀلاري مهيني ۾ ماڻهن کي دل وڏي ڪري غريب طبقي جي خدمت ڪرڻ گهرجي ۽ حقيقي پورهيو ڪمائڻ گهرجي پر الاءِ ڇو اسان جي معاشري ۾ اڪثر دڪاندار، واپاري ۽ ريڙهي وارا رمضان شريف واري ڀلاري مهيني ۾ ئي شين جا اگهه وڌائيندا آهن جيڪي اهڙيون حرڪتون ڪن ٿا انهن کي خدا جو خوف کائڻ گهرجي انهن کي حقيقي اگهه وٺڻ گهرجن جيڪي مارڪيٽ موجب هجن واپارين کي حڪومت سان سهڪار ڪرڻ گهرجي جيئن غريب عوام کي وڌ کان وڌ رليف ملي سگهي حڪومت کي به ان حوالي سان واپارين سان ملي ايڪشن کڻڻ گهرجي جيئن ڪو غلط فائدو نه وٺي سگهي ۽ غريب مسڪين پورهيت مزدور طبقو ان مان ڪجهه صحيح نموني ٿورو گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهي ۽ پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ گذر بهتر نموني سان ڪري سگهي

بقايا 01 ***

۽ نيوي ۾ شامل آهي. چيف جسٽس چيو ته جيڪڏهن اسان جي فوج حساس جڳهين تي مقرر آهي ته اسان کي هتان پنهنجي جي باري ۾ ٻڌايو وڃي. هٿياربند فورسز ۾ نيوي ۽ فضائيه به شامل آهن. جيڪڏهن پاڪ آرمي جي نفري مصروف آهي ته ٻئي سروسز جا اهلڪار به ڪئي سگهجن ٿا. نيوي سميت ٻئي سيڪيورٽي فورسز جون خدمتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون جيڪي جنگ جي حالت ۾ نه هجن. چيف جسٽس دفاع واري سيڪريٽري کان پڇيو ته اوهان کي چونڊن جي لاءِ ڪيتري سيڪيورٽي گهرجي؟ جيڪي حساس شيون آهن انهن کي چيمبر ۾ ٻڌي وٺنداسين. جسٽس عمر عطا بنديال دفاع واري سيڪريٽري (ر) حمودالزمان کان پڇائو ڪيو ته پنجاب ۾ سيڪيورٽي صورتحال سنگين آهي؟ جنهن تي دفاع واري سيڪريٽري چيو ته پنجاب ۾ سيڪيورٽي بابت ان چيمبر بريفنگ ڏينداسين. اسان عدالت ۾ ڪجهه ڳالهيون ته دشمن جاڻ ڪي ليڪ ڪري سگهن ٿا. ڪجهه حساس جاڻ آهي جيڪا چيمبر ۾ ٻڌائينداسين. تحريڪ انصاف جي وڪيل علي ظفر چيو ته منهنجي راءِ موجب هن وقت سيڪيورٽي جو معاملو چڱڻ گهرجي. جنهن تي چيف جسٽس پڇيو ته چونڊن لاءِ سيڪيورٽي ڪير ڏيندو؟ وڪيل علي ظفر چيو ته چونڊن جي ڏينهن ٻئي سيڪيورٽي فورسز وٺي سگهجي ٿي جنهن تي چيف جسٽس چيو ته حڪومت کي اهو ڀروسو ڪيئن آهي ته 8 آڪٽوبر تي حالتون صحيح ٿي وينديون؟ پي ٽي آءِ جي وڪيل علي ظفر چيو ته اليڪشن ڪميشن چئي چڪو آهي ته سيڪيورٽي ۽ فنڊ ملندا ته چونڊن جي لاءِ تيار آهيون. (ر) آرمي جا جوان به سيڪيورٽي جي لاءِ وڃي سگهن ٿا. چيف جسٽس دفاع واري سيڪريٽري کان پڇائو ڪندي چيو ته اوهان وٽ(ر) جوان گهرائڻ جو ڪو طريقو آهي؟ جنهن تي دفاع واري سيڪريٽري چيو ته (ر) آرمي جوان ريزرو فورس هوندي آهي. جنهن کي مخصوص حالتن ۾ گهرايو ويندو آهي. چيف جسٽس چيو ته سيڪريٽري دفاع ۽ صاحب جا اوهان مهر لڳل ڪجهه فائلون آنديون آهن؟ جنهن تي ليفٽيننٽ جنرل(ر) حمودالزمان خان ٻڌايو ته هن وقت ناهي آندي عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏينداسين. جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته اسان کي مهرلڳل فائلون ڏيو. اسان جائزو وٺي واپس ڪنداسين. دفاع واري سيڪريٽري کي ايندڙ ٻڌڻي تي اچڻ جي ضرورت ناهي ڪجهه سوال اسان جي ذهن ۾ آيا ته کليل عدالت ۾ پڇي وٺنداسين. جسٽس اعجازالاحسن چيو ته اسان پنهنجي فوج کي ڪنهن به مشڪل ۾ وجهڻ نٿا چاهيون. حساس آپريشن ٿيندا آهن اسان ڪا به جاڻ ليڪ ٿيڻ نه ڏينداسين. دفاع واري سيڪريٽري چيو ته تفصيلي بريفنگ عدالت کي ان جي چيمبر ڏينداسين تفصيلي رپورٽ به عدالت کي چيمبر ۾ پيش ڪنداسين. تحريڪ انصاف جي وڪيل علي ظفر چيو ته موجوده حالتن ۾ ڪنهن نه قسم جي سنگيني ناهي. چونڊن جي لاءِ وڌيڪ سيڪيورٽي جي ضرورت نه آهي. چيف جسٽس چيو ته اليڪشن ۾ ڊيوٽي جي لاءِ ويڙهاڪ فوجي نه گهرجن. (ر) آرمي جا جوان به سيڪيورٽي ڏئي سگهن ٿا. پيرا ملٽري فورسز به سيڪيورٽي ڏئي سگهي ٿي جيڪا گهرو وزارت جي ماتحت آهي. وڪيل علي ظفر چيو ته ملڪ ۾ جمعي جي اجتماع ۾ به سيڪيورٽي ڏني ويندي آهي. حالتون ايتريون خراب نه آهن جنهن تي چيف جسٽس چيو ته ڪافي وقت کان ملڪ ۾ حالتون خراب هيون. جهنگ ڪجهه وقت اڳ حساس هوندو هو هاڻ نه آهي. ڏکڻ پنجاب ۽ ڪچي جا علائقا به حساس آهن. جسٽس منيب اختر چيو ته دفاع وارو سيڪريٽري حساس جاڻ شيئر نه ڪري. زباني جاڻ جي بجاءِ لکت ۾ جواب ڏئي ڇڏي جنهن تي دفاع واري سيڪريٽري سڀاڻي تائين جواب جمع ڪرائڻ جي مهلت گهري ورتي چيف جسٽس چيو ته اوهان ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ يا سڀاڻي صبح تائين رپورٽ ڏئي ڇڏيو.

بقايا 02 ***

چيو ته اها درخواست ڪيئن ٻڌي سگهجي ٿي. درخواست رد ٿيڻ تي اپيل داخل ناهي ٿيندي. قانون موجب ڪاروائي ٿيڻي آهي. جنهن بعد عدالت اپيل جي ٻڌڻي 5 اپريل تائين ملتوي ڪندي وڪيل کي تياري لاءِ مهلت ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 03 ***

غريب خاندانن کي اٽو ورهائڻ جي شروعات ڪئي آهي ۽ رمضان المبارڪ جي شروعات کان پنجاب، خيبرپختونخواهه ۽ اسلام آباد ۾ مفت اٽو ورهائي رهيا آهيون. آءِ ايم ايف جون اڳواٽ ڏنل شرطون مڃي ورتيون آهن. وزيراعظم چيو ته آءِ ايم ايف جي آخري شرط تي به ڳالهيون ٿي رهيون آهن. وزيراعظم (ن) ليگ جي پارلياماني پارٽي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته پاڙيسري ملڪ پاڪستان جي مدد ڪري رهيا آهن. 2014 کان 2018 تائين پاڪستان ترقي جي شاهراهه تي گامزن هو. ملڪ کي ٻوڏ جي تباهي کي منهن ڏيڻو پيو. وفاق 100 ارب روپيه ٻوڏ متاثرين کي ڏنا. وزيراعظم چيو ته عمران خان پاڪستان کي معاشي ڊيڄ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. دوست ملڪن خلاف اڳوڻن حڪمرانن بدزباني ڪئي. چين جي منصوبن تي سنگين الزام لڳايا ويا. عمران خان ۽ سندس پوئينرن چيو ته چين جي منصوبن ۾ 45 سيڪڙو ڪرپشن ٿي جيڪا 30 ارب ڊالر جي سرمائيڪاري ڪئي پر سندن مٿان الزام لڳايا ويا. وزيراعظم چيو ته اسرائيل سان واپار شروع ڪرڻ جا ڪوڙا الزام لڳايا ويا وڃن هڪ شخص جو پاڪستان جي حڪومت جي پاليسي سان ڪهڙو تعلق آهي. هن چيو ته فلسطينين کي حق ملڻ تائين پاڪستان اصولي موقف تي قائم رهندو. عمران خان پاڪستان جي ساک داءُ تي لڳائي ڇڏي. عمران خان سخت ترين شرطن تي آءِ ايم ايف پروگرام تي صحيحون ڪيون. عمران خان آءِ ايم ايف پروگرام ناڪام بنائڻ جي سازش ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف ان موقعي تي پارٽي ڪارڪنن جي همت ۽ وفاداري تي کين خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته رياست بچائڻ لاءِ سياست قربان ڪري ڇڏي. پاڪستان بچي ويو ته سڀ ڪجهه صحيح ٿي ويندو. وزيراعظم چيو ته نوازشريف جي قيادت ۾ ملڪ کي مسئلن مان ڪڍنداسين. معاشي بهتري جي لاءِ سياسي استحڪام آڻڻ لازمي آهي. سياسي عدم استحڪام پيدا ڪندڙن کي ڏينهن رات رليف ملي رهيو آهي. اسان جي قيادت ۽ ميمبرن سان رويو ڪجهه ٻيو هو عمران خان جي گهر واري سرڪاري عهديدار نه هئي ته پوءِ مريم نواز وٽ ڪهڙو عهدو هو؟ وزيراعظم چيو ته پاڪستان اڄ حقيقت ۾ تاريخ جي نازڪ ترين موڙ تان گذري رهيو آهي. سڀني کي ملي فسطائيت جو مقابلو ڪرڻو پوندو. انشاالله قربانيون رائيگان نه وينديون دعا آهي ته منهنجي زندگي دوران ملڪ معاشي تنگدستي مان نڪري اچي.

بقايا 04 ***

ڪندو مهانگائي کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن تحت 78 لک ماڻهن کي جن جي ماهوار آمدني پنجاهه هزار روپين کان گهٽ آهي، اٽي تي سبسڊي ڏني پئي وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته 44 سالن کانپوءِ ڀٽو خاندان انصاف جو انتظار ڪري رهيو آهي. جنهن شخص جي محنت جيڪي پاڪستان کي هڪ متحد آئين مليو اهو آئين شهيد ڀٽو جي ڪوشش جو نتيجو هو. سقوط ڍاڪا کان پوءِ هن قوم جي قيادت سنڀالي. هندستان مان جنگي قيدين کي آزاد ڪرايو. لکين ايڪڙ زمين هندستان جي قبضي مان آزاد ڪرائي. پاڪستان ۾ ايٽمي پروگرام شروع ڪيو. اسٽيل مل، پورٽ قاسم ڀٽو صاحب شروع ڪيو. ڀٽو روزگار جا موقعا کوليا پر 44 سال گذري ويا پر ذوالفقار علي ڀٽو کي انصاف نه مليو جنهن شخص عدالتن جي احترام جي لاءِ جان ڏني، ان شخص کي انصاف ملڻ گهرجي. هن چيو ته پاڪستان جو مقبول ترين وزيراعظم تڪراري فيصلي جو شڪار ٿي ويو 4 اپريل بابت مان چيف جسٽس کي درخواست ڪندس ته اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ان کي پاڪستان جي عدالتي تاريخ جو ڪارو فيصلو قرار ڏنو وڃي ان کي ختم ڪيو وڃي. جيڪي ماڻهو رڳو ناڪاري سياست ڪندا آهن. پنج تاريخ تي بلاول ڀٽو گمبٽ ۾ هڪ ٻئي وڏي منصوبي جو افتتاح ڪري رهيو آهي. اسان عوام جي سهولت لاءِ منصوبا آڻي رهيا آهيون. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته موجوده مالي مشڪلاتن باوجود ڪابينا فيصلو ڪيو آهي ته رمضان المبارڪ ۾ 15 ارب روپين جي سبسڊي ڏني ويندي. جنهن ۾ غريبن کي اٽو فراهم ڪيو ويندو جن جي پگهار 55 هزار روپين کان گهٽ آهي. انهن کي ٻه هزار روپيا ڏنا ويندا. پهرين مرحلي ۾ 29 مارچ کان 2 اپريل تائين 1616422 مستحق ماڻهن کي اٽي جي مد ۾ رقم ملي آهي. ان ڪم جي ڪا به تصوري ناهي ٻڌائي ڪم به چڱو پڻ ناهي ٿيو هيٺئر تائين 7.6 ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن. 15 اپريل تائين سمورن 78 لک ماڻهن کي رقم فراهم ڪئي ويندي. جن ماڻهن کي ميسيج ناهي آيو اهي بي آءِ ايس پي جي ٽيم سان ملاقات ڪن. انهن سمورن معاملن جي تشهير ناهي ڪئي وئي ڇاڪاڻ ته خاموشي سان ماڻهن جي مدد ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته چيف جسٽس جو ڪم آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪرڻ آهي. جيڪڏهن وزيراعظم اڪيلو حڪومت ناهي ته پوءِ چيف جسٽس به اڪيلو سپريم ڪورٽ ناهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٽارگيٽ ڪلنگ، اسٽريٽ ڪرائم هڪ مسئلو آهي. ڊاڪٽر بيربل جو ڪيس افسوسناڪ آهي ۽ جاچ جاري آهي. مذهبي شخصيت جي قتل ۾ ملوث گروهه جو پتو لڳايو ويو آهي. پوليس کي گهرجي ته هو پنهنجي انٽيليجنس ذريعي ڏوهن تي ضابطو آڻي. جتي پوليس ايف آءِ آر درج نه ڪندي ته سنڌ حڪومت ڪاروائي ڪندي. هن چيو ته پهريون حق ان صوبي جو آهي جتي گئس ملي ٿي. سنڌ حڪومت گئس مسئلن تي وزيراعظم سان مسلسل رابطي ۾ آهي ڇو ته اسان کي گئس جي ضرورت آهي. ماضي ۾ جن ماڻهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي انهن کي نيب حوالي ڪيو ويو وڏي وزير ڪراچي جي عوام کي سستي بجلي فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نيب ۾ ريفرنس داخل ڪيو ويو پارليامينٽ جو ڪم قانون ٺاهڻ آهي. جڏهن ته عدالتن جو ڪم قانون جي تشريح ڪرڻ آهي. اليڪشن ڪميشن جو ڪم شفاف چونڊون ڪرائڻ آهي. اليڪشن ڪميشن پارلياماني ڪم ۾ مداخلت نٿي ڪري سگهي. اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن صدر سان مشاورت کانپوءِ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪندي. هي آرٽيڪل ٻين شقن تي اوليت رکي ٿو اليڪشن ڪميشن کي اليڪشن جي تاريخ تبديل ڪرڻ جو اختيار آهي ته هو اليڪشن جي تاريخ تبديل ڪري سگهي ٿو.

بقايا 05 ***

گجومتن، نشتر ڪالوني ۽ ٻين علائقن ۾ رات کان پوندڙ برسات موسم کي وڌيڪ خوشگوار بنائي ڇڏيو آهي. گلبرگ، اڇهره، وحدت روڊ ۽ چوڌاري علائقن ۾ هلڪي برسات سبب ٿڌ واپس اچي وئي آهي. هوڏانهن موسم جو احوال ٻڌائيندڙ موسميات کاتي ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. اڄ ۽ سڀاڻي لاهور سميت سموري صوبي ۾ موسم جهڙالو رهندو، جڏهن ته پنجاب جي مختلف علائقن ۾ تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جو امڪان آهي. گذريل رات کان مغربي هوائن جي داخل ٿيڻ سان ٿڌ ۾ واڌ ٿي وئي آهي. ٻئي طرف تيز برساتن کي نظر ۾ رکندي پي ڊي ايم اي طرفان لاڳاپيل ادارن کي الرٽ جاري ڪيو ويو آهي. ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي تيز هوائن ۽ ڳڙو پوڻ سبب بيٺل فصلن خاص طور تي ڪڻڪ جي فصل کي نقصان پهچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. هوڏانهن پنجاب جي ٻين شهرن اوڪاڙه، رينالا خورد ۽ حجره شاهه مقيم ۾ ڪنوڻ سان برسات پئي. مختلف علائقن ۾ برسات پوڻ سان ئي بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي. جڏهن ته تيز برساتن سبب هيناهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا. ٻئي طرف خيبرپختونخواهه ۾ ڪالهه کان شروع ٿيندڙ برسات جو سلسلو اڃان تائين وقفي وقفي سان جاري آهي. موسميات کاتي موجب چترال، بونير، سوات، ايبٽ آباد، صوابي، مردان، نوشهره، پشاور، بنون ۽ ڊيره اسماعيل خان جي مختلف هنڌن تي تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي صوبي جي مختلف هنڌن تي تيز برسات ۽ ڳڙي پوڻ جي به اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. هيٺئر تائين پشاور ۾ 3، بونير ۾ 11، تيمر ڳرهه ۾ 10، چترال ۾ 6 ۽ ڪالام ۾ هڪ ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

بقايا 06 ***

آءِ اڳواڻ حماد اظهر، علي محمد خان ۽ فواد چوڌري عدالت ۾ وڃڻ لاءِ پهتا ته انتظاميه حماد اظهر ۽ علي محمد خان کي عدالت ۾ وڃڻ کان روڪي ڇڏيو جنهن تي فواد چوڌري پوليس کي درخواست ڪئي ته حماد اظهر بيرسٽر به آهي ڪيس اچڻ ڏيو. پر پوليس حماد اظهر ۽ علي محمد خان کي داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني جنهن تي فواد چوڌري پنهنجي ساٿين کي ڇڏي عدالت هليو ويو.

بقايا 07 ***

پارڪنگ، ڪينٽين ۽ صفائي جي ٺيڪن ۾ رشوت وٺڻ جو الزام آهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پي آءِ سي ۽ ايم ايس تي ياسمين راشد کي ڪروڙين روپيه رشوت ڏيڻ ۽ خرچ ڪڻ جو الزام آهي. ذريعن موجب اينٽي ڪرپشن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پي آءِ سي ۽ ايم ايس ڊاڪٽر محمد تحسين، اي ايم ايس پرچيز ڊاڪٽر شڪيل کي به طلب ڪيو ۽ اي ايم ايس اسٽور فارميسي ڊاڪٽر مسعود نواز کي به اينٽي ڪرپشن ڊاڪٽر ياسمين سان گڏ طلب ڪيو آهي. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته جوابدارن تي مهانگي اگهن تي سٽنس خريد ڪري سرڪاري خزاني کي هڪ ارب روپين کان وڌيڪ جو نقصان پهچائڻ جو الزام آهي. هلندڙ مالي سال ٻيهر رولز جي ڀڃڪڙي ڪري سٽنس جي خريداري ۾ ڪري ڪميشن وٺڻ ۽ باءِ پاس آپريشن ۾ استعمال ٿيندڙ سامان به مهانگي اگهن تي خريد ڪرڻ جو الزام آهي. ان کان علاوه انتظاميه تي دل جي بيٽرين سميت پي آءِ سي جي اسٽورز مان ڪروڙين روپين جي ماليت جو سامان چوري ڪرائڻ جو به الزام آهي.

بقايا 08 ***

اجلاس جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد نهراءِ پيش ڪيو. حڪومت مخالفت نه ڪئي. مملڪتي وزير عائشه غوث پاشا چيو ته ملڪي معيشت کي وياج کان پاڪ ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.ايوان ۾ توشا خانا ۾ ملندڙ سوکڙين جي سار سنڀال بابت بل متعارف ڪرايو ويو، ۽ لاڳاپيل ڪميٽي حوالي.

بقايا 09 ***

سمون پاران ٻن ڌوهارين جي مارجڻ ۽ ڪيترائي ڌوهاري پوليس جي گهيري ۾ اچڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي آهي. ڪنڌڪوٽ جي دراني مهر ٿاڻي تي ڌوهارين پاران حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڊي ايس پي قلندر بخش سومرو زخمي ٿي پيو اهڙي اطلاع بعد ايس ايس پي عرفان سمون جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪري علائقي جو گهيرو ڪري آپريشن شروع ڪيو ويو آپريشن دوران جديد هٿيارن سان فائرنگ جي ڏي وٺ جاري رهي فائرنگ ۾ ايس ايڇ او عبداللطيف ميراڻي شهيد ٿي ويو ۽ هڪ اهلڪار پايي خان زخمي ٿي پيو اهي شهيد ۽ زخمي اهلڪار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف ايس ايس پي عرفان سمون جو چوڻ آهي ته جاگيراڻي ۽ ٻيو گينگ جي ڌوهارين خلاف آپريشن جاري آهي آپريشن دوران ٻن ڌوهارين جي مارجڻ جا اطلاع مليا آهن ۽ هن وقت ڌوهاري پوليس جي گهيري ۾ آهن آپريشن کي وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ***

تي باضابط اعتراض واري ڇڏيو.اٽارني جنرل عثمان منصور اعوان حڪومت جي درخواست سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي.

بقايا 11 ***

جي زور تي فيصلا مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جا ملڪ ۾ آئين ۽ قانون تحت ڪريه فيصلو نه ٿيندو.لاڏلي لاءِ ڌار ۽ ٻين لاءِ ڌار قانون آهي ملڪ ۾ ٻٽو نظام آخر ڪيستائين هلندو رهندو ؟سعيد غني چيو ته چيف جسٽس جو ڪم ڪنهن کي پيغام ڏيڻ نه پر انصاف ڪرڻ آهي، بينچ کان پاڻ کي الڳ ڪندڙ جج کي ٻيهر بينچ جو حصو بڻائڻ سمجهه کان ٻاهر آهي.

بقايا 12 ***

جو چوڻ آهي ته مور بيماري سبب انڌا ٿي وڃن ٿا، پوءِ سندن ڳلو سڄي وڃي ٿو کائڻ ۽ پيئڻ به بند ڪري ڇڏين ٿا.ٽيمون موڪلي مور ڀڪين کي مرڻ کان بچايو وڃي.

بقايا 13 ***

محفوظ ڪري ورتي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ توشه خانا ڪيس ۾ طلبي جي نيب نوٽيس خلاف عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. جنهن سلسلي ۾ سندس وڪيل خواجه حارث عدالت ۾ پيش ٿيو. خواجه حارث پنهنجي دليلن ۾ چيو ته نيب نوٽيس ۾ ناهي ٻڌايو ويو ته ڪهڙي حيثيت سان جاڻ گهري پئي وڃي. عدالتي فيصلا اچي چڪا آهن ان لاءِ نوٽيس جي مڪمل جاڻ ضروري آهي. نيب جي پراڻي قانون جي هوندي اهي فيصلا اچي چڪا هئا. چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته هن وقت جيڪا نيب قانون ۾ ترميم ڪئي وئي آهي ان ۾ نوٽيس جو ڪهڙو طريقو آهي؟ ان تي خواجه حارث چيو ته ترميمي قانون چوي ٿو ته اهو ٻڌائڻ لازمي آهي ته اوهان ڪنهن کي ڇو گهرائي رهيا آهيو. ترميمي قانون ۾ ٻڌائڻو پوندو ته ڪنهن کي بطور ملزم گهرائڻ يا ڪنهن ٻئي سبب تي گهرايو وڃي. عدالت پڇائو ڪيو ته ڇا عمران خان کي طلبي جا نوٽيس اچي ويا آهن؟ خواجه حارث ٻڌايو ته ڪالهه اهي نوٽيس اچي ويا آهن. ان دوران خواجه حارث نيب نوٽيس عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيا ۽ چيو ته هن نوٽيسن ۾ نيب اسان کي ڄاڻ ناهي ڏني. هتي صرف اهو لکيو ويو آهي ته پبلڪ آفيس هولڊر خلاف جاچ ٿي رهي آهي. عدالت طرفان نيب پراسيڪيوٽر کي روسٽرم تي گهرايو ويو ته نيب پراسيڪيوٽر ٻڌايو ته عمران خان کي ياد ڏيارڻ لاءِ نوٽيس اماڻيو ويو هو. ان تي چيف جسٽس چيو ته اوهان جي نوٽيس ۾ عدالتي فيصلن تي عمل نظر نه پيو اچي. اسان اڃان نيب کي ڪنهن شيءِ کان نه پيا روڪيون. نيب جيڪو سوال پڇڻ چاهي ٿو پڇي سگهي ٿو پر پڇي ته هو ڪهڙو به متيريل چونه هجي. اسان هن درخواستن تي آرڊر جاري ڪنداسين.

بقايا 14 ***

رپيو 21 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 285 رپيا 50 پئسا تي ويو. گذريل ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن تي ڊالر 283 رپيا 79 پئسا تي بند ٿيو ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه 287 رپيا رهيو. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ صبح منفي واپاري رجحان ڏٺو ويو جيڪو بعد ۾ مخلوط رجحان ۾ تبديل ٿي ويو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 46 پوائنٽن جي واڌ کانپوءِ 40 هزار 47 تي اچي ويو آهي. گذريل ڪاروباري هفتي جي آخر ۾ 100 انڊيڪس 40 هزار پوائنٽس تي بند ٿيو.

بقايا 15 ***

6 سيڪڙو تائين اضافو ڏٺو ويو ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ (WTI) 5.74 سيڪڙو وڌي 80 ڊالر في بيرل ٿي ويو جڏهن ته برنٽ 5.67 سيڪڙو وڌي 84.42 ڊالر في بيرل ٿي ويو.

بقايا 16 ***

سيڪٽر ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد سيڪيورٽي اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي آهي. آءِ ايس پي آر موجب شهيد نائيڪ شير احمد جي جنازي نماز تونسه، لانس نائيڪ محمد اصغر جي جنازي نماز ڪوٽ ادو، سپاهي عبدالرشيد جي جنازي نماز صحبت پور ۽ سپاهي محمد عرفان جي جنازي نماز ڊيره غازي خان ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ سينئر حاضر ۽ ريٽائرڊ سروس جي آفيسرن، سپاهين ۽ شهيد ٿيلن جي گهر ڀاتين شرڪت ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب شهيدن کي فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته ڪيچ جي جلڪئي سيڪٽر ۾ ايراني حدن مان دهشتگردن جي حملي ۾ سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا. آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان جي هٿياربند فوج دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي. اهڙيون قربانيون دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي ارادن کي وڌيڪ مضبوط ڪنديون آهن.

بقايا 17 ***

ڪري ڇڏيو ڪوٽ بدر مارفاني ۾ ۾ جوابدار نادر مارفاني پنهنجي پائيتي قرزانا مارفاني کي پستول جا فائر ڪري قتل ڪيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو. پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

بقايا 18 ***

هٿو ان دوران پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران ٽئي ڌوهاري مارجي ويا. عمارت ۾ رهندڙ صحافين کي ٻڌايو ته 3 ڌوهاري هٿيارن سميت گهر ۾ داخل ٿيا جن مان 2 کي برقعو پاتل هو. ڌوهارين سڀني کان پهريان پهرين منزل تي رهندڙن کان ڦر شروع ڪئي ته پوليس به اطلاع ملڻ تي پهچي وئي. رهواسي موجب ڌوهارين گهر مان 40 هزار روڪ رقم ۽ 4 موبائيل فون ڦر ڪيا. پوليس جي پهچڻ تي جوابدار ڇت طرف ڀڳا جتي جوابدارن ۽ پوليس ۾ مقابلو ٿيو ان دوران 2 ڦورو ڇت تي ئي مارجي ويا جڏهن ته ٽئين ڌوهاري پاسي واري گهر ۾ ٽپو ڏنو پر اهو ٽيون ڌوهاري به پاسي واري گهر ۾ پوليس جي فائرنگ سبب مارجي ويو رهواسي موجب 2 ڦورو هن علائقي جا آهن. جڏهن ته ٽئين جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي مارجي ويل ٻن ڦورن جي سڃاڻپ احمد ۽ صادق جي نالي سان ٿي آهي.

بقايا 19 ***

پنهنجي موجودگي ۾ ڏسي خوشي جو اظهار ڪيو.ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪامران ٽيسوري چيو ته هو قبضا مافيا کي چتاءُ ڏئي رهيا آهن ته هو سندن بوري بند ڳول ڪن. عيد کان پوءِ سرجاني ٽائون ۾ قبضا مافيا خلاف ڀرپور آپريشن ڪيو ويندو. جيڪو منهنجي نگراني ۾ ڪيو ويندو. ان کان اڳ ڪامران ٽيسوري پاران اعلان ڪيو ويو هو ته چند رات جي موقعي تي گورنر هائوس سنڌ ۾ عورتن لاءِ مفت مهندي جي درخواست جو بندوبست ڪيو ويندو هاڻي ان حوالي سان هن چيو ته ڪجهه ماڻهن کي عورتن لاءِ مفت مهندي ڏيڻ تي اعتراض آهي. اعتراض ڪندڙن کي ٻڌايو، عورتن کي به ڌمڪيون ڏنيون وڃن. گورنر سنڌ چيو ته گورنر هائوس ۾ عوامي افطار ۾ مان پاڻ عوام لاءِ پڪوڙا ڪائي رهيو آهيان. تنقيد ڪندڙ ڪنهن به حالت ۾ خوش نٿا ٿي سگهن.

بقايا 20 ***

سيڪيورٽي جا انتظام ڪري رهيون آهن. اوهان وڪيلن کي گهرايو آهي ته انهن سان پاڻ ئي ڳالهايو.

بقايا 21 ***

ايف جي ٽيم سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان جوابدار جي نگراني ڪندي رهي. جوابدار مسافر جي ڪيسي تي هٿ ڦيريندي ٿي رنگي هٿان گرفتار ٿي ويو ايئرپورٽ تي اي ايس ايف اهلڪارن جوابدار عبدالجبار کان پڇا ڳاڇا ڪئي. جوابدار کي وڌيڪ ڪاروائي لاءِ ايئرپورٽ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 22 ***

درخواست تي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ گهرو وزارت ۽ وفاق کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو آهي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق پڇائو ڪيو ته ڇا عمران خان کي اڳوڻي وزيراعظم طور سيڪيورٽي نه پئي ملي؟ جنهن تي ايڊووڪيٽ فيصل فريد جواب ڏنو ته عمران خان کان سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي. چيف جسٽس پڇيو ته ڪنهن کي خطرا هجڻ تي سيڪيورٽي جي ڇا ايس او پي آهي؟ چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار گهڻي سيڪيورٽي واپس ورتي هئي. اڳوڻي چيف جسٽس اهو چيو هو ته ڪنهن کي خطرو هجي ته سيڪيورٽي ڏئي سگهجي ٿي. ڇا اهڙا ايس او پيز آهن يا ان فيلڊ آهي يا نه اهو به ڏسي وٺو. وڪيل فيصل فريد عدالت کي ٻڌايو ته پوليس جنهن جي ماتحت آهي اهڙي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. جنهن کان پوءِ عدالت وفاقي گهرو وزير راڻا ثناالله جي ڌمڪي واري بيان تي عمران طرفان سيڪيورٽي جي درخواست تي گهرو وزارت ۽ وفاق کان 6 اپريل تي جواب طلب ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 23 ***

شرڪت ڪئي. توانائي واري وزير امتياز احمد شيخ سي اي او ڪي اليڪٽرڪ کي گڏاپ ٽائون جي فوري طور تي بجلي بحال ڪرڻ جي هدايت ڪئي اجلاس دوران گڏاپ ٽائون جي بجلي بحال ٿي وئي، سنڌ جي توانائي واري وزير چيو ته مسئلي جو فوري حل ڪڍيو وڃي. سي اي او ڪي اليڪٽرڪ صوبائي وزير امتياز احمد شيخ کي خاطري ڪرائيندي چيو ته رات 11 وڳي گڏاپ ٽائون جو دورو ڪري لاڳاپيل نمائندن ۽ عوام سان ملاقات ڪري مسئلي جو حل ڪڍنداسين. سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو آهي ته ڪراچي جي گڏاپ، لياري ۽ ٻين علائقن مان اورنگي ٽائون، نارٿ ڪراچي ۽ اورنگي ٽائون جون شڪايتون عام آهن.هن چيو ته اسان جو فرض آهي ته ڀلاري مهيني جو احترام ڪريون ۽ گهٽ ۾ گهٽ هن مقدس مهيني ۾ عوام کي رليف ڏيون.ان موقعي تي صوبائي وزير ساجد جوکيو چيو ته جيڪڏهن ڪو گراهڪ ڪي اليڪٽرڪ وٽ شڪايت ڪلي وڃي ٿو ته ڪي اليڪٽرڪ جي عملي سان ملڻ نه رڳو ڏکيو پر ناممڪن آهي. ساجد جوکيو چيو ته گڏاپ ۾ ڪو به ڪسٽمر ڪيئر سينٽر ناهي. ڪافي پري وڃڻو پوي ٿو. جنهن تي سنڌ جي توانائي واري وزير سي اي او کي هدايت ڪئي ته هو عوام جي سهولت لاءِ سهولت سينٽر قائم ڪري. جنهن تي سي اي او ڪي اليڪٽرڪ هڪ ڏينهن ۾ سينٽر قائم ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته اسان مهانگي بجلي پيدا ڪري مفت ۾ نه ٿا ڏئي سگهون پر ان جي باوجود پمپنگ اسٽيشنون هلائي رهيا آهيون جنهن تي ساجد جوکيو چيو ته اسان جي مسجدن ۾ ڇهن ڏينهن کان وضو ڪرڻ لاءِ به پاڻي ناهي.ڇهن ڏينهن ۾ ڪا به پمپنگ اسٽيشن نه هلي آهي جنهن تي سي اي او ڪي اليڪٽرڪ ٻڌايو ته گڏاپ ٽائون تي 250 ملين کان وڌيڪ جو بقاياجات آهي. گڏاپ ٽائون جي ٽن فيڊرز جا تفصيل ڏيندي سي اي او ڪي اليڪٽرڪ چيو ته دانش فارم فيڊر تي 54 سيڪڙو چوري ۽ لائين لاسز 75 سيڪڙو آهن ليٽ فيڊر تي 70 سيڪڙو چوري ۽ 85 سيڪڙو لائين لاسز آغا شهيد فيڊر تي 66 سيڪڙو چوري ٿي ۽ جڏهن ته لائين لاسز 82 سيڪڙو آهن جنهن تي سنڌ جي توانائي واري وزير امتياز شيخ چيو ته اوور بلنگ جون شڪايتون حل ڪيون وڃن ڪي اليڪٽرڪ وارا ماڻهن کي اوور بل موڪليندا ته پوءِ ماڻهو اهي بل ڇو ادا ڪندا؟

بقايا 24 ***

ذريعي اٽي جي مد ۾ 2 هزار رپيا في خاندان ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. هن وقت تائين 16 لک 16 هزار 422 خاندانن ۾ اٽي جي صورت ۾ 3 ارب 23 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رقم ورهائي وئي آهي. هن اها ڳالهه اڄ رمضان المبارڪ ۾ اگهه ڪنٽرول ڪرڻ بابت اهم اجلاس جي صدارت ڪندي چئي. اجلاس ۾ سمورن ڊويزنل ڪمشنر، سيڪريٽري زراعت، سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن، ڊي جي مارڪيٽ ڪميٽي، سمورن ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سمورن ڊويزنل ڪمشنرن صوبي ۾ بچت بازارن ۽ قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ کنيل قدمن بابت آگاهه ڪيو ڪمشنر ڪراچي محمد اقبال ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ دوران 1833 منافع خورن تي 91 لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. ڪمشنر حيدرآباد چيو ته حيدرآباد ۾ 40 لک رپيا، ميرپورخاص ڊويزن ۾ 6 لک 56 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪمشنر شهيد بينظير آباد ۽ ڪمشنر سکر کي ڏنڊ جي رقم وڌائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته سمورا ڪمشنر پاڻ پرائس ڪنٽرول جي نگراني ڪن. هن سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته منافع خورن خلاف ڪاروائي تيز ڪئي وڃي ۽ چيو ته منافع خورن جون شيون ضبط ڪري سرڪاري اگهه تي نيلام ڪيو وڃي. چيف سيڪريٽري سنڌ وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل بچت بازارن ۾ ضروري شين جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي. مارڪيٽ ڪميٽي پاران سمورين بازارن ۾ سبزي ۽ ميوي جا اسٽال لڳايا وڃن. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڪمشنر ميرپورخاص جي سفارش تي لاپرواهي تي ڊيوٽي انچارج مارڪيٽ ڪميٽي ميرپورخاص کي معطل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته رمضان المبارڪ دوران حڪومت پاران جاري ڪيل حڪمن تي ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 25 ***

ڪيو ۽ سنڌ حڪومت پاران مقرر ڪيل روزاني استعمال جي شين جهڙوڪ اٽو کنڊ، تيل، گيهه، چانور، ميوا، ڀاڄيون، گوشت، ڪيرو پولٽري جا اگهه چيڪ ڪيا ۽ اتي موجود گراهڪن سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ عوام سنڌ حڪومت جي قدمن کي ساراهيو. انهن بازارن ۾ سرڪاري اگهه تي روزاني جون شيون وافر مقدار ۾ فراهم ڪيون پيون وڃن. هتي ڏهه ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1150 رپيا سستي اگهه تي وڪرو ٿي رهيو آهي پٽاٽا 40 رپيا في ڪلو بصر 86 رپيا ڪلو ٽماٽا 60 رپيا في ڪلو، ڪڪڙ جو گوشت 550 رپيا في ڪلو ڳڻتون جو گوشت 600 رپيا في ڪلو جڏهن ته ڪيلا 180 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وقار مهدي چيو ته مارڪيٽ ايسوسي ايشن ۽ چور بازارن ۾ وڏن سپر اسٽورن جي سهڪار سان عوام کي روزاني جون شيون سستي اگهه تي فراهم ڪيون پيون وڃن. هتي ڪيترين ئي شين سرڪاري ريٽ کان گهٽ قيمت تي فراهم ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته افسوس سان چوڻو ٿو ته سڄي دنيا ۾ ڏڻن جي موقعي تي سيل لڳائي ويندي آهي جڏهن ته اسان وٽ ناجائز منافعو وٺندڙ اگهه ٻيڻا ڪري ڇڏيندا آهن. ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر اهڙن منافع خورن خلاف ڪاروائي ڪري رهيا آهن۽ انهن تي سخت ڏنڊ پڻ لڳايا وڃن. ان ڪري اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته رمضان المبارڪ جي هن بابرڪت مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ قيمتن تي شين کي ماڻهن تائين پهچايون۽ ماڻهو ان مان فائدو وٺي سگهن ٿا. هن چيو ته منهنجي عوام کي اپيل آهي ته ماڻهو سرڪاري لسٽ چيڪ ڪري سرڪاري اگهه موجب سامان خريد ڪن ۽ ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ قائم شڪايتي سيل ۾ شڪايت داخل ڪرائي ته جيئن شڪايتن جو ازالو ڪري سگهجي. ۽ منافع خورن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ان موقعي تي ضلعي ڪورنگي جي صدر جاويد شيخ، انفارميشن سيڪريٽري جاني ميمڻ ڪوثر عابدي، ڊاڪٽر طاهر رحمان باجوا، سليم اعوان ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا.

بقايا 26 ***

۾ بدامني خلاف ڳوٺاڻا روڊ تي نڪري آيا. ڳوٺ ٻيلو پٽڻ جي رهواسين ۽ سماجي ڪارڪنن پاران عرفان حمزه جويو نديم جويو سعيد جانوري ماجد ڪرلاڄي نعيم ساند ياسين ملاح سميت ٻين رهواسين ٽرڙي جادو شهيد ٿاڻي جي حد علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪيو ويو عرفان جويو نديم جويو چيو آهي ته علائقي اندر چورن تي نيائي چڙهيو ويو آهي ڦرون چوريون ڌاڙا سميت مختلف ڏوهن جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن مسجدون امام بارگاهون گهر دڪان چورين ٿيڻ کان غير محفوظ آهن هن جو چوڻ هو ته علائقي واسي راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن پوليس ڪو ٻوٽو ن پاريو آهي سماجي ڪارڪن نوجوان عرفان جويو جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل سميت مختلف ڏوهن جون وارداتون ٽرڙي جادو شهيد پوليس واپس ڪرائڻ ۽ امن امان بحال ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي ڏوهاري سري عام گهمن ٿا جن کي چوڻ لاءِ تياري ناهي پوليس سائس پٽ ٻڌيل آهي اسين آءِ جي سنڌ ايس ايس پي دادو سميت وس وارن کان مطالبو ڪندي بدامني جي واقعي جو پاٽسرادو نوٽيس وٺي چوري ٿيل موٽر سائيڪل مون سميت مختلف ڏوهن جون وارداتون واپس ڪري ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ميهڙ ۽ وڌندڙ بدامني، هٿرادو مهانگائي، اٽي جي اگهن ۾ واڌ ۽ مقامي انتظاميا جي نااهلي خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران غلام شبير منگي، حبيب حضوري، حاجي خان مارفاني، مجيد سوڍر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس يو پي آفيس کان پيادل مارچ ڪري نيشنل پريس ڪلب ميهڙ اڳيان ڌرڻو هنيو ويو اڳواڻن چيو ته ميهڙ ۾ سرعام شهرين ۽ واپارين کي ڦريو وڃي ٿو بينڪ کان پيسا ڪڍرائي واپس ويندڙ واپارين کي ٽارگيٽ ڪيو وڃي ٿو ڦورن سان ميهڙ پوليس ۽ بينڪ عملو پڻ ملوث آهي هن چيو ته رمضان شريف مهيني ۾ هٿرادو مهانگائي ڪئي وئي آهي کاڌي پيتي جي شين جا اگهه جوٽ چڙهي ويا آهن ڊي سي دادو ، اي سي ، مختيارڪار ميهڙ ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي جو عملو منافعي خورن سان مليل آهن

بقايا 27 ***

محمد گل جي ضمانت لاءِ ڏنل درخواست رد ڪري ڇڏي فريادي ڌر جي وڪيل جي استدعا ڪئي ته چار پيرا اڳ ۾ به ٻڌڻي ناهي ٿي، اڄ دليل مڪمل ڪيا وڃن فريادي جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته جوابدار محمد گل جي ترائل ڪورٽ به ضمانت واري درخواست رد ڪئي هئي.

بقايا 28 ***

۽ هاڻي آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي اسپيشل آڊٽ رپورٽ موجب ٻوڏ متاثرن جي فنڊ ۾ مبينا ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي. رپورٽ موجب مٽياري جي اڳوڻي ڊي سي عدنان راشد ٻوڏ متاثرن جا ساڍا چار ڪروڙ رپيا غيرقانوني طور ڪڍرايا جڏهن ته اڳوڻي ڊي سي نوشهروفيروز تاشفين عالم ٻوڏ متاثرن جا ساڍا ٽي ڪروڙ رپيا غيرقانوني طور ڪڍرايا. اسپيشل آڊٽ رپورٽ ۾ جاڻايو ويو آهي ته ٻنهي ڊپٽي ڪمشنر رقم غيرقانوني طور تي اوپن چيڪ ذريعي ڪيش ڪڍرائي نيب ذريعن موجب مٽياري جي اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر عدنان راشد موٽر وي ڪرپشن اسڪينڊل ۾ پهريان ئي گرفتار آهي جڏهن ته اڳوڻو ڊي سي نوشهرو فيروز تاشفين عالم موٽر وي ڪرپشن اسڪينڊل ۾ روپوش آهي.

بقايا 29 ***

پروفيسرن ۽ ملازمن ۾ ايوارڊ ورهايا، آفيسرن ۽ ملازمن کي ايوارڊ ڏيڻ واري تقريب سيڪريٽري بورڊ جي آفيس ۾ ٿي گذري، جڏهن ته تقريب ۾ سمورين يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن پڻ شرڪت ڪئي. سيڪريٽري بورڊ جو چوڻ هو ته 26 يونيورسٽين جي 59 ملازمن ۽ استادن کي جڏهن ته بورڊز ۽ يونيورسٽين جي 11 ملازمن کي ايوارڊ ڏنا ويا ۽ يونيورسٽيز بورڊز جي ايس اوز ۽ ڊپٽي سيڪريٽري کي به ٻن ايوارڊ ڏنا ويا. سيڪريٽري بورڊ مريد راهون جو وڌيڪ چوڻ هو ته پروفيسرن،وي سيز ۽ ملازمن، کي انعام ڏيڻ لاءِ الڳ الڳ رقم رکي وئي آهي،ايوارڊ فنڊز جي 50 لک روپيا رقم استادن، پروفيسرن ۽ ملازمن ۾ ورهائي وئي.

بقايا 30 ***

جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ڪراچي جي شهرين لاءِ بري خبر ٽن مهينن لاءِ بجلي 6 رپيا في يونٽ مهانگي ملندي.نيپرا وفاقي حڪومت جي درخواست جي منظوري ڏئي ڇڏي. بجلي جي واهپيدارن کان اپريل، مئي ۽ جون جي بلن ۾ اوڳاڙي ڪئي ويندي. گذريل سال جي پهرين ٽن مهينن جي مد ۾ هڪ رپيو 55 پيسا في يونٽ اضافو ڪيو ويو، هلندڙ سال جي پهرين ٽن مهينن جي مد ۾ بجلي جو في يونٽ 4 رپيا 45 پيسا مهانگو ڪيو ويو آهي، بجلي جي واهپيدارن کان اپريل، مئي ۽ جون جي بلن ۾ اوڳاڙي سان 20 ارب رپين جو اضافي بوجهه پوندو.

بقايا سنڌيار 01

نقل و حمل تي پابندي برقرار رهندي. ٻين صوبن ڏانهن ڪٽڪ اسمگل ڪرڻ وارن جي ڪٽڪ ضبط ڪئي ويندي ۽ ادائيگي نه ڪئي ويندي. هن عوام کي ٻڌايو ته ڪٽڪ خريد ڪرڻ جو پهريون حق حڪومت جو آهي. گهرن ۽ گودامن تي چڙهائي ڪري ڪٽڪ برآمد ڪرڻ نٿا چاهيون. تنهن ڪري، توهان کي پهرين ڪٽڪ جي خريداري جو سرڪاري ٽارگيٽ پورو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته ضلعي کان ٻاهر ڪٽڪ موڪلڻ تي پابندي برقرار رهندي. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ چيو ته ضلعي کان ٻاهر ڪٽڪ جي نقل و حمل کي روڪڻ لاءِ پوليس مقرر ڪئي ويندي. ۽ ضلعي جي حدن اندر خوراڪ کاتي جي چيڪ پوسٽن تي پوليس مقرر ڪئي ويندي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمارحسين شاه، ڊي ايس پي هيڊڪوارٽرز ۽ ڊي آءِ بي جي انچارج، خوراڪ کاتي ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 02

جي پي وي سي ڏانهن موڪليندا سين. ڊي اي او سيڪنڊري بلال پٽي خبر موجب:عمرڪوٽ سٽي پوليس پاران لوھ ۽ ٻي قيمتي سامان سان ڀريل مزدا گاڏي کي ٻن ڄڻن سميت پڪڙڻ واري مامرلو نئون رخ ڪري ويو. چئن ڏينهن کان فريادي جي انتظار ۾ ويٺل پوليس پاران موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته تعليم کاتي جي پراپرٽي آهي ته اهي اچن فرياد داخل ڪندا سين اڃان ته ائين تعليم کاتي پاران ڪوخاطرخواه موٽ نه ڏني آهي ٻي پاسي تعليم کاتي جي ضلعي آفيسر بلال پٽي پاران رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اختيارين فرياد جي اجازت ناهي ڏني اسان لوھ سميت پڪڙيل گاڏي کي سائيڊ تي ڪرائي ڇڏي آهي هائي پبلڪ اسڪول جي عمارت بابت سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪئمپس عمرڪوٽ سان ٿيل معاهدي جي روشني ۾ ڪئمپس جي پي وي سي کي شوڪاز نوٽيس موڪليندا سين ڏسون ته ڪهڙو توجواب ڏي ياد رهي ته تعليم کاتي جي لاڳاپيل آفيسر پاران اسڪريپ چوري بابت موقف ۾ تبديلي سامهون اچي وئي آهي جڏهن ته اڳ ۾ آيل موقفن ۾ واضح چيو پئي ويو ته ڪئمپس انتظاميا تعليم کاتي جي عمارت جو لوھ غير قانوني طريقي سان نيلام ڪري وڪرو رهي آهي اسان ڪيس داخل ڪرائينداسين.

بقايا سنڌيار 03

مولا بخش سومرو جنهن وٽان 400 گرام گٽڪا سپاري هٿ ڪئي وئي، جڏهن ته ٻئي دوڪاندار بابر ڀٽو وٽان 250 گرام گٽڪا سپاري هٿ ڪري ٻنهي تي ڌار ڌار سرڪاري فرياد تي منشيات گٽڪا سپاري ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. ايس ايڇ او ڳڙهي ياسين ممتاز چنو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ايس ايس پي شڪارپور فيضان علي جي احڪامات تحت منشيات ۽ گٽڪا سپاري وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، منشيات وڪرو ڪندڙن کي بخش ڪون ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 04

وقت به ارڙهن کان وڌيڪ مغوي ڪچي جي ڌوهارين وٽ قيد آهن جنهن جا وارث سراپا احتجاج ٻٽيل آهن ۽ ڪيترائي ڀيرا مٿن انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪري ڌرڻا هڻي پوليس خلاف ڪاوڙ جو اظهار ڪندا رهن ٿا جنهن بعد ايس ايس پي عرفان سمون ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي ڀاري پوليس نفري بڪتر بند گاڏين سان دراني مهرجي ڪچي واري علائقي ڌوهاري گينگ جي خلاف ڪومبنگ آپريشن ڪيو پر تازه صورتحال موجب ته پوليس جو هڪ ايس ايڇ او جمال ٽاٽو عبداللطيف ميراڻي ڌوهارين جي فائيرنگ ۾ شهيد ٿي ويو ڊي ايس پي ڪنڊڪوٽ قلندر بخش ۽ هڪ پوليس اهلڪار اسحاق ميراڻي به سخت زخمي آهن ڌوهارين ۽ پوليس جي فائيرنگ ۾ ٻه واٽهڙا به زخمي ٿي پيا آهن آخري اطلاعن موجب رينجرجي اهلڪارن کي گهرايو ويو آهي پوليس پاران ڪنهن به ڌوهاري جي مارجڻ جي ڪا تصديق ناهي ٿي ۽ فائرنگ جو سلسلوجاري آهي

بقايا سنڌيار 05

آهي جڏهن ته ٿاڻي اسٽورٽ گنج پوليس ڊوائيسز مافيا احمد خان ولد خان محمد معرفاڻي کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 1 ڊوائيس ۽ 60000 روڪ رقم هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻي طرف ٿاڻي لکي غلام شاھ پوليس ڦر ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪري مالڪ

گوپال داس حوالي ڪري ڇڏي آهي ۽ ٿاڻي لکي در پوليس علي رضا شاھ ولد احمد علي شاھ کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 280 گرام گٽڪا سپاري هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ٿاڻي لکي در پوليس عديل ولد محمد علي شيخ کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 280 گرام گٽڪا سپاري هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ٿاڻي اسٽورٽ گنج پوليس رضوان ولد عبدالحق ميمڻ کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 5 پاڪيٽ گٽڪا سپاري هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ٿاڻي ڳڙهي ياسين پوليس گفتار ولد مولا بخش سومرو کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 400 گرام گٽڪا سپاري هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيوءِ

بقايا سنڌيار 06

کي 36 مهينن کان پگهارون جاري ناهن ڪيون ويون جيڪا سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي. اسان جون 36 مهينن کان پگهارون بند ڪري اسان کي فاڪاڪشي تي مجبور ڪيو ويو آهي. ڇا اسان بنگالي يا بهاري آهيون يا اسان هن ملڪ جا رهاڪو نه آهيون جواسان سان اهڙو سلوڪ ٿو ڪيو وڃي. اسان به پيپلز پارٽي جا جيالا ۽ ورڪر آهيون. پگهارن لاءِ احتجاج ڪندي اسان جا ڪيترائي ساٿي ملازم فوت ٿي ويا ۽ ڪجھ ملازم بيماري جي بستري تي پيل آهن. اسان کي ڪوڙا دلاسا ڏنا وڃن ٿا ته توهان کي ٽائون ڪاميٽي ۽ ميونسپل ڪاميٽين ۾ ضم ڪيو ويندو پر ملازمن جي اسڪروٽني به مڪمل ٿي وئي جنهن جي رپورٽ چيف سيڪريٽري کي اماڻي وئي آهي پر هن وقت تائين ان تي به عمل نه ٿي سگهيو آهي. پگهارون جاري نه ٿيڻ ڪري اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. خدارا اسان جي حالت تي رحم ڪائي پگهارون جاري ڪيون وڃن. مظاهرين پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ، ايم پي اي فريال ٽالپر، مڪاني ڪاتي جي صوبائي وزير ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته اسان کي رهيل 36 مهينن جون رهيل پگهارون جاري ڪري پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 07

رپين جي لاڳت سان منظور ڪيو ويو آهي. پر ٽنڊوباگو جهڏو روڊ جي مرمت جو ڪم هڪ سال گذري وڃڻ جي باوجود به مڪمل ٿي نه سگهيو آهي. 42 ڪلوميٽرن جي روڊ مان صرف 15 ڪلوميٽرن تائين ڪم مڪمل ٿيو آهي. جڏهن ته باقي 27 ڪلوميٽرن تي ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. ٽنڊوباگو کان ماڏڪ واھ جي پل تائين مڪمل ٿيل روڊ جي مرمت ۾ ٺيڪيدار پاران ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ ڪري پاسن کان روڊ ٽٽڻ شروع ٿي ويو آهي، روڊ جي ٻنهي پاسن کان مٽي ڪڍي روڊ جي مرمت ۾ استعمال ڪرڻ سبب وڏا وڏا پوڻ ڪري هڪ ته برسات ڪانپوءِ روڊ جا ڪپر ڊهي وڃڻ سان روڊ تباھ ٿي ويندو ۽ روڊ جي پاسن کان برسات پوڻ ڪانپوءِ وڏا کڏا ٿيڻ ڪري روڊن تي هلندڙ ٽرانسپورٽ ڪراسنگ ڪرڻ دوران ڪنهن به وڏي حادثي پيش اچڻ جو خطرو وڌي ويو آهي. 2011ع جي برسات دوران تباھ ٿيل روڊ کي ماڏڪ واھ کان وٺي 42 ڪلوميٽر جهڏو تائين ٺيڪيدار پاران روڊ کي ٽوڙڻ ۽ هڪ سال گذرڻ باوجود ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. جنهن ڪري هتي جي سوين ڳوٺن جا هزارين ماڻهو روڊ تي سفر ڪرڻ دوران مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿا ۽ روڊ ٽٽل هجڻ ڪري هتي هر روز ڪو نه ڪو حادثو پيش اچي ٿو. جنهن ڪري لاڳاپيل علائقي جي ماڻهن جو جاني ۽ مالي نقصان ٿي رهيو آهي. علائقي جي ڳوٺاڻن ۽ ٽرانسپورٽرن رضا پنجابي، شفيع محمد، الياس خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته ڪروڙين رپين جي ماليت جي هن ٺيڪي جو ٺيڪيدار روڊ جي ڪم ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال سان گڏ روڊ جي مرمت جو ڪم تمام سست رفتاري سان ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري اسين هن روڊ تي وڏي مشڪل سان سفر ڪريون ٿا. گذريل هڪ سال دوران اسانجون گاڏيون تباھ ٿي ختم ٿي ويون آهن ۽ حادثن سبب ڪيترين جانيون پڻ ضايع ٿيون آهن. جنهن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جاٽايل روڊ جي ڪم ۾ ٽينڊر ڪرپشن جي جانچ ڪري روڊ جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 08

ٿو ڀٽو صاحب ته ڪنهن کان وسرڻ جهڙو نه آهي ، ڀٽو صاحب جا 1973 ۾ اهي وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا جيڪي هميشه ياد رکيا ويندا هڪ ايٽمي پروگرام

شروع ڪيو ۽ ٻيو 90 هزار جنگي قيدي ڀارت کان آزاد ڪرايا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صرف پاڪستان نه بلڪه پوري دنيا جو ليڊر هو ڀٽو صاحب سياست کي عبادت سمجهي پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي خدمت ڪئي هن چيو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي ملڪ جي عوام کي بيدار ڪيو انهن کي پنهنجا حق وٺڻ سيکارايائين جڏهن اليڪشن ۾ اڪثريت سان ملڪ ۾ ڪاميابي ماڻي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم ٿيو پر افسوس صدر ضياءِ ان عظيم ليڊر جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڪيس جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر جهڪائي نه سگهيا آخر دنيا جي عظيم شخصيت کي 4اپريل 1979ع ۾ 51 سالن جي ڄمار ۾ راولپنڊي جي ڊسٽرڪٽ جيل ڪوٽ لکپت ۾ ڦاسي ڏني وئي سمجهيو ويو ته ڦاسي ڏينداسين ته ڀٽوجو نالوختم ٿي ويندو پر ڀٽو جو نالو شهادت بعد ستارو ٿي اڀري آيوجيڪواڄ به چمڪي رهيو آهي، شهيد ذوالفقار جو مشن بلاول ڀٽو زرداري پورو ڪري رهيو آهي انشاالله ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پوري ملڪ ۾ سوپاري ٿيندي.

بقايا سنڌيار 09

ڊي اي او دادو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻ وزير علي ٻبر، نظير احمد گاڏهي، علي گوهر ٻبر، سعيد احمد شاھ ۽ غلام علي سيال جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ استادن مظاهرو ڪيو. استادن بالا آفيسرن کان گهر ڪئي ته نون استادن جي پگهارن، سيڪنڊ فيز استادن جي ڊيٽابيس جا مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ استادن جي اپگريڊيشن کي CMO دادو غير ضروري اعتراض هڻي رد ڪري ڇڏيو آهي. استادن ڌانهيو ته غير ضروري اعتراض ختم ڪري استادن جي اپگريڊيشن جلد مڪمل ڪئي وڃي ۽ استادن جون جبري بدليون رد ڪري بند پيل اسڪول کولي تعليمي عمل ۾ بهتري آندي وڃي.

بقايا سنڌيار 10

تي ترجا بااثر بنا جواز قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ 5 ايڪڙ زمين مان هڪ ايڪڙ زرعي زمين تي زبردستي ماڻهون ويهاري دوڪان تعمير ڪري رهيا آهن. هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي ملڪيتن تي نياز علي عرف تارو، غلام مجتبي عرف موجن ۽ سندس ساٿي ڏاڍ مڙسي ڪري رهيا آهن جيڪي زبردستي اسان جي ملڪيت تي قبضو ڪري رهيا ويهي آهن جنهن جون شڪايتون پنهنجي برادريءَ جي چڱن مڙسن کي ڏنيون آهن پر ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو. جڏهن ته اهڙو ڪيس عدالت ۾ پڻ هلندڙ آهي ۽ اسان وٽ اصل ڪاغذ موجود آهن بااثر ماڻهون ڪوڙا ڪاغذ ڪٺي دعوا ڪري رهيو آهي، اسان جهيڙو وغيره نه ٿا چاهيون. هنن زرداريءَ برادريءَ جي چڱي مڙس، حاجي علي حسن زرداري، عاشق حسين زرداريءَ، ايم اين اي، ايم پي اي، پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت سميت وس وارن کي اپيل ڪئي ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪري حق ڏياريو وڃي ٻي صورت ٿيندڙ هر نقصان جا ذميوار مذڪورا بااثر شخص هوندا.

بقايا سنڌيار 11

شاھ شيرازي، سيد مدد علي شاھ، حاجي، حنيف ميمڻ، فداحسين شاھ، محمد ايوب ملاح، محمد ايوب کهيو، SHO مڪلي سيد اصغر شاھ، فيصل شفيع ميمڻ، محمد حسين هيجب جاڪرو، عبدالله، نور محمد جوکيو، ربنواز بيليچو سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جن کي حاجي شفيع کهيو، قل کهيو، جمن کهيو پاران افطاري ڪرائي وئي. ان موقعي تي محمد جمن کهيو، قل کهيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي سيد شفقت حسين شاھ شيرازي چيو ته تازو شروع ٿيل مهنگائي جي لهر غريب عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري وڌي آهي، هن چيو ته اهڙي تيزي سان تيل جي قيمتن ۾ واڌاري سميت مهنگائي ۾ اضافو ٿيندو رهيو ته غريب مسڪين ماڻهون بک وگهي مري ويندا. جيڪو هڪ ويلي ماني کپي لاءِ سخت پريشان آهي. سيد شفقت حسين شاھ شيرازي چيو ته حڪمرانن کي گهرجي ته مهنگائي تي فورن ڪنٽرول ڪري غريب عوام کي بک وگهي مرڻ کان بچائي روزگار جا وسيلا ڪڍيا وڃن. جيئن غريب ماڻهون روزگار ڪمائي پنهنجي ٻچن کي فاقه ڪشي کان بچائي سگهن.

بقايا سنڌيار 12

گهر ۾ داخل ٿي منهنجي پٽ ۽ گهرواري کي مارڪٽ ڪئي ۽

فرار ٿي ويا، هنن جي خلاف ٻي سيڪشن ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڪا به ڪاروائي عمل ۾ نه آندي آهي، هن وڌيڪ چيو ته ايس ايڇ او ٻي سيڪشن دادو ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ 50000 هزار رشوت گهري رهيو آهي ۽ مان پنهنجي تحفظ لاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڪئي آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي پاڙ ۾ ڏي وٺ جي مائٽي ٿيل آهي منهنجا رهيل پئسا گهرڻ تي منهنجي نياڻي کي گهران ڪڍيو ويو منهنجي سنگ جو عيوضو هن ڏي رهيل آهي سنگ گهرڻ تان موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن.

بقايا سنڌيار 13

پيري مجيب چتو پيري نيڪ محمد رند ۽ ڪوجي ڪتن جي ٽيم سان گڏجي چورن جا پيرا کنيا ترجي مشهور پيرين ۽ ڪوجي ڪتن جي ٽيم پير ڪڍندي سڏو گل ملاح جي گهر ۾ داخل ٿي ۽ سولر پليٽن ۽ موبائل جي چوري پيرين ۽ ڪوجي ڪتن مطابق گل ملاح تي ثابت ٿي چوري ثابت ٿيڻ تي ڪپور پوليس انچارج شوڪت لغاري چور گل ملاح کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو..

بقايا سنڌيار 14

تي واپس موٽيو وڃن تعلقي ميرپور ساڪرو ۾ قائم نادرا آفيس جيڪا صرف سفارشي ۽ من پسند ماڻهن جا 80 ٽوڪن جاري ڪري ٿي اهي به جاري ٿيل ٽوڪن صرف من پسند ماڻهن ۽ سفارشين کي ملن ٿا عام ماڻهون جيڪو بغير سفارشي آهي اهو سڄو ڏينهن قطارن ۾ ويهيو شام جو موٽي وڃي ٿو. جاويد پليجو ايوب ڪاٺيار، خميسو ڪلوئي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نادارا آفيس ۾ شفارشي ۽ پنهنجي نوازش وارو سسٽم هلندڙ آهي قورن پنهنجي نوازش کي بند ڪيو وڃي ته جئين عام ماڻهون کي فائدو ملي سگهي.

بقايا سنڌيار 15

ڪاروائي بعد لاش امانت طور اسپتال جي مرده خاني ۾ رکرائڻ بعد ڪوارٽ نه ٿيڻ بعد لاش ايڌي نوابشاھ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن همدرد ريسڪيو انچارج اقبال رند ميڊيا کي ٻڌايو ته لاش کي لڳل ڌڪ مان اندازو آهي ته روڊ ڪراس ڪندي شايد ڪنهن گاڏيءَ جي ڌڪ سبب واقعو پيش آيو آهي جڏهن ته سڪرنڊ ٿاڻي جي وڏي منشي ممتاز مگسي موجب واقعي جي مڪمل جاچ ۽ لاش جي وارثن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

بقايا سنڌيار 16

۾ احتجاج جاري رکيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مشهور ميمڻ، محمد شريف جانوري، شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو، رضا محمد ملاح ، امجد علي ڪوسو سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي، سيتا سرجٿهار فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻوڏ ۽ برسات کي 8 مهينا گذري چڪا آهن پر ريلويز اختيارين پاران ٽراسپورٽ مافيا جي ڳٽ جوڙ ڪري عوام کي مسافر ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 17

ادبي سنگت شاخ نئون ديرو جي سيڪريٽري ايم آر ڊي تحريڪ جي اڳوٽي ڪنوينر ڪامريڊ حسين بخش ناريجي خطاب ڪندي چيو ته محمد پنهل قادري "ڪامريڊ پنهل پنجوديرائي" هن علائقي جو گهڻ رخو پڙهيل لکيل انسان هو ڪامريڊ پنهل پنجوديرائي بهترين استاد هئڻ سان گڏ هڪ اهم سياسي سماجي شخصيت ۽ علم ادب جو پارکو ۽ عملي طرح خاموش خدمتگار هيو هن سون جي تعداد ۾ روشن خيال شاگرد پيدا ڪيا استادن ۾ هي هڪ ڪامياب استاد تعليم جي فن فڪر جو ماهر پنهنجو مٽ پاڻ هيو ريٽارمينٽ ڪانپوءِ به درس و تدريس جو ڪم جاري رکيائين ۽ هو ڪڏهن به ٿڪجي نه ويٺو شاعرمنظور منگي چيو ته پنهل پنجوديرائي هڪئي وقت بهترين استاد، صداڪار، اداڪار ۽ استاد تنظيمن توڙي سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جوروح روان ۽ اڳواڻيءَ ڪندڙ متحرڪ ڪردار هيو پنهل پنجوديرائي مرڻ گهڙي تائين ترقي پسندي ۽ روشن خيال لڏي سان گڏ رهيو هو ولي خان، رسول پليجو، فاضل راهو ۽ حسين بخش ناريجو سان گڏ عوامي تحريڪ ۾ رهيو پروفيسر احمد بخش ڪٽپر چيو ته پنهل پنجوديرائي سٺو انسان بهترين مقرر ۽ شاعر اديب هيو انگريزي ٻوليءَ تي به سٺي دسترس هيس پنهل سنڌ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻ رکي ٿو پوري سنڌ توڙي ملڪ کان ٻاهر سنڌس پڙهيل لکيل دوستن جو وڏو حلقو آهي پروفيسر غلام حسين ڪٽپر، غلام مصطفي ناريجو چيو ته

ايڏو وڏو ماڻهو جو هر قسم جي تنقيد برداشت ڪندو هو وڏو محنتي ۽ اڪابر انسان هو هن ادبي ريفرنس ۾ غلام حيدر ناريجو ظفر علي قادري، ديوان اجيت جنگ، انجنيئرجايد ڀٽو، برڪت جيهو، ڪاشف منار سولنگي، سيد سڪندر علي شاھ راشدي لطيف ڪرتيو صاحب خان شيخ ۽ ٻين پڻ سنڌس شخصيت تي پنهنجا ويچار ونڊيا

بقايا سنڌيار 18

جي موبائيل جي دڪان مان چور لکين رپين جي ماليت جا موبائيل ۽ ٻيو ڪيمتي سامان چور ٻهاري ويا پوليس به اگهوڙ ننڊ ۾ ٻئي پاسي دڪاندار جي فرياد تي نامعلوم شخص تي اين سي داخل ڪرائي ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 19

شاھ، حمل پنيرو، سيد اڪبر شاھ، گل محمد بلر، الله ڏتو راڄپر ۽ فضل محمد لوهاچ جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ اتي هلندڙ پاڻيءَ جي جهتن جو جائزو ورتو ان موقعي ڳوٺاڻن ڪاهي ممن جي سموري ٽيم خصوصي PDM اڳواڻ امداد صديقي،دعوت اسلامي جي مرڪزي ۽ علائقائي قيادت ۽ ضلعي انتظاميه جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته جيڪڏهن اها ٽيم اسانجي سپورٽ نه ڪري هان ته اسان جا گهر توڙي زمينون ڪندرات بڻجي وڃن هان ۽ اسان سڄي زندگي سورن ۾ گذاريون هان پر مالڪ سائين طرفان اهي اسان لاءِ فرشتا بڻجي آيا جن ائن مهينن کان پوءِ اسان کي پنهنجي اباڻن ڪکن ۾ پهچايو آهي ۽ هن وقت اسانجون زمينون به آباد ٿيڻ جي قابل بڻجي رهيون آهن ۽ چند ڏينهن ۾ اهو ٽورو پاڻي به نڪري ويندو

بقايا سنڌيار 20

ورو ڪري بچت بازار ۾ لڳايل ڪاڌي پيتي جي اسٽالز جو معائنو ڪري ريٽ لسٽون چيڪ ڪيون ۽ دڪاندارن کي هدايت ڪئي ته ريٽ لسٽون نمايان جاءِ تي رکيون وڃن ۽ شهرين کي مقرر ڪيل رعايتي اگهن تي شيون ڏنيون وڃن وزيراعلىٰ سنڌ جي خاص معاون جاويد ناياب لغاري چيو ته ڪوشش آهي ته بچت بازار ذريعي عوام کي رعايتي اگهن تي ڪاڌي پيتي جون شيون هڪ جاءِ تي فراهم ڪيون وڃن انهي لاءِ ضلع انتظاميه بچت بازار ۾ ڪاڌي پيتي جي سمورين شين جي موجودگي کي يقيني بڻائي هن وڌيڪ چيو ته وزيراعلىٰ سنڌ جي هدايتن تحت بچت بازارن ذريعي عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ بچت بازارن جي نگراني ڪري رهيو آهيان ان موقعي تي شهرين پاران سنڌ حڪومت ،وزير اعلىٰ سنڌ جي خاص معاون جاويد ناياب لغاري ۽ ضلع انتظاميه جو شڪريو پڻ ادا ڪيو خاص معاون جي دوري دوران اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاھ علي شيرجمالي، بيورو آف سپلائي جو شعيب شاھ، پ پ پ اڳواڻ سيد عاطف زيدي، راشد چانڊيو ۽ عملدار ساٿس گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 21

اڳواڻ مظهر حسين کهيري تعلقه صدر شوڪت عمراڻي اسلم سونارو رفيق سمون يوسف لاکو افتخارلغاري علي غلام آزاد علي محمد آريسر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب تلهار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڪوسڪي پوليس خلاف نعريبازي ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

جا شاگرد سخت پريشاني جو شڪار آهن ۽ ڳوٺ سهڙا ۽ پرپاسي جي ڳوٺن جا ٽي سئو شاگرد پڻ تعليم کان متاثر ۽ پڙهائي کان محروم بڻجي ويا آهن وڌيڪ اسڪول جي شاگردن جوچوڻ آهي اسان لاءِ اسڪول ۾ ويهڻ لاءِ ڊيڪسون بيڪچو ناهن جو ويهي تعليم حاصل ڪري سگهون جيڪي آهن اهي مڪمل ٽٽي ۽ ختم ٿي ويون آهن وڌيڪ شاگردن جوچوڻ آهي اسان جي اسڪول ۾ ٽوٽل ٻ ماستر آهن جيڪي پڙهائي نٿا سگهن هوڏانهن ڳوٺ سهڙا جي پرائمري اسڪول جي ماسترن جو چوڻ آهي جنهن ۾ نالي غلام مجتفي چنا الله بخش مشوري موقف ڏيندي چيو آهي ت اسان جي اسڪول ۾ اجا ٽن ماسترن جي سخت ضرورت آهي ۽ اسڪول ۾ فنيچر پورو ناهي ان باوجود ب اسان ايس ڊي او نوشهروفيروز کي ٽي مهينا پهريان لکت ۾ چيو آهي ت اسڪول کي ٽن ماسترن جي سخت ضرورت آهي اهي ڏنا وڃن ۽ اسڪول لاءِ فنيچر ڏنو وڃي ت اسان جي ۽ شاگردن جي پريشاني دور ٿي وڃي وڌيڪ استادن چيو آهي ت اسان وزير عالا سنڌ کي ۽ عالا اختيارين کي اپيل ٿا ڪيون ت ڳوٺ سهڙا جي اسڪول کي ٽي ماستر ۽ نئو فنيچر ڏنو وڃي ت جيئن علائقي ۽ پرپاسي جي ڳوٺن جي ٻارڙن کي سٺي نموني سان تعليم ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 23

هو ته اوچتو جهٽڪو ٿي پيو وارثن پارڙي کي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو آندو جتان ڪيس مڪلي اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ فوت ٿي ويو. فوتي پارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ،ڪيس درگاھ شاھ نصر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 24

تبديل ڪري ڇڏيو. شاهي بازار ۽ ان سان گڏ مڇي گوشت مارڪيٽن ۾ شهرين جي نه اچڻ سبب ڪاروبار کي هٿي ملڻ واريون سموريون رونقون ختم ٿي ويون آهن. جڏهن ته ڪروڙين روپين جي ماليت سان ٺهرايل مڇي گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون درزين، آڪڙا جوا سميت ٻين ڪاروباري ماڻهن کي مسواڙ طور ڏنيون ويون آهن. دڙو جي شهرين ۽ واپاري ايسوسيشن جي صدر نظير سومرو، نظام ميمڻ، سيف فاضلاڻي، شڪيل عباسي، قادر ميمڻ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته دڙو ٽائون ڪميٽي ڪروڙين روپين جي ماليت سان مڇي گوشت ۽ سبزي مارڪيٽ جون بلڊينگون ٺهرائي ڇڏيون آهن. پر انتظامي ۽ قانوني رٽ نه هئڻ سبب انهن مارڪيٽن ۾ ڪير به ويهڻ لاءِ تيار ناهي، مڇي گوشت ۽ سبزي فروشن پنجاري پل، پارڪ روڊ، بس اسٽينڊ، قاسمي مسجد روڊ سميت شهر جي مختلف چوراهن تي سنڌل ۽ ريڙها رکي مڇي گوشت ۽ سبزيون وڪرو ڪري رهيا آهن. جنهن سبب شاهي بازار ۾ هلندڙ مختلف ڪاروبار ختم ٿي ويا آهن. ڪوبه ماڻهو شهر ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهي، ته ٻئي پاسي پنجاري پل بس اسٽاپ ۽ مُک مين روڊ تي مڇي سبزي مارڪيٽون قائم هئڻ ۽ حددخلين سبب اڪثر طور ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڊ بند رهي ٿو هنن سجاول جي ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپوربٺورو، دڙو ٽائون جي انتظاميا ۽ ٻين انتظامي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته مارڪيٽن کان ٻاهر ويٺل سمورن مڇي گوشت ۽ سبزي فروشن کي مارڪيٽن اندر منتقل ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

ڪوٽ ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ جي سيڪريٽري پيارعلي نهڙيو جوائينٽ سيڪريٽري چندر ولاسائي ،ڪائونسلر محمد علي خاصخيلي، خزانچي ڪيلاش شرما، اياز شاھ رضوي، مصطفي خاصخيلي، اسماعيل آزاد، رحمان ريگستاني، ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ۽ نئون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ روشني پبليڪشن پاران لڳندڙ ٽي روزا ڪتابي ميلو کي ساراهيندي هنن چيو ته نئون ڪوٽ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪتابي ميلو سٺو سنئوڻ آهي، ننڍن شهرن ۾ اهڙا ڪتابي ميلا لڳائڻ سان نوجوانن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق جاڳندو ۽ هو ڪتابن طرف وڌندا هنن چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ روشني پبلشرز سان ڀرپور سهڪار ڪري وڌ کان وڌ ڪتاب خريد ڪري ڪتابي ميلي کي ڪامياب بڻائيندي،

بقايا سنڌيار 26

اڳواڻ ڊاڪٽر لڪمير پالاري پاران مذڪور ماڻهن جي سوشل ميڊيا توڙي پرنٽ ميڊيا تي هليل خبرن جو نوٽيس وٺندي پاڻمرادو مختلف ڳوٺن جي 22 معذور ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي حامي ڀريندي سنڌن عيد کان اڳ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي ڪين خاطري ڪرائي ڇڏي آهي. صحافين سان ڳالهائيندي ڪوهستان جي سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر لڪمير خان پالاري ۽ محمد انور ڪوهستاني چيو ته ڪوهستاني پٽي ۾ ڪافي اهڙا معذور ماڻهون آهن. جن جو الله ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه سهارو ناهي، اسان انهن جي هرممڪن مدد ڪري انهن جون ضرورتون پوريون ڪنداسين، جيئن هو به اسان سان گڏ عيد خوشين ۾ شامل ٿي سگهن. ڊاڪٽر لڪمير پالاري چيو ته اسان هر وقت وس آهر ڪوهستاني ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪري ڪين پنهنجا حق ڏياريا آهن، جن لاءِ اڃان به اسانجي جدوجهد جاري آهي، هن چيو ته سنڌ سرڪار، ضلعي انتظاميه سميت ڪوهستاني پٽي ۾ قائم مختلف ونڊ پراجيڪٽن جي انتظاميه کي گهرجي ته هوءِ به ڪوهستان جي معذورن ماڻهن سميت هر مستحق ماڻهون جي هرممڪن مدد ڪري جيئن ڪوهستان جا ڏٽڙيل بي سهارا، بي حال بٽيل معذور ماڻهون بهتر زندگي گذاري سگهن.

بقايا سنڌيار 27

ڪري ڳوٺاڻي ايوب بجير کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمي ايوب بجير ماکي جي مکين جي ڏنگ لڳڻ سبب سنڌس جسم سڄي پيو ڪيس صحت مرڪز

ڪڍڻ آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران سنڌس دل بيهڻ سبب فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ويئي تعلقي بدين ۾ زهريلي ماکي جي مکين جي حملن ۾ سئو کان وڌيڪ رهواسي زخمي ٿي چڪا آهي جڏهن ته ڪالهوڪي حملي ۾ ايوب بجير جي فوت ٿيڻ کان پوءِ علائقي ۾ وڏي ماکي جي مکين ۽ انهن جي ٺاهيل ڇتن سبب سخت خوف هراس پکڙيل آهي

بقايا سنڌيار 28

محمد دل ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڀهراڙي جي پٺتي پيل سيني سهولتن کان محروم اسڪول ۾ به استاد 180 کان وڌيڪ ٻارڙن کي تعليم ڏئي علم جي جوت جلائي رهيا آهن ۽ معصوم ٻارڙا به سهولتن جي اڻهوند ۽ غربت باوجود وڏي جوش سان اسڪول اچن ٿا پر سنڌ سرڪار اهڙن تعليمي ادارن کي به روايتي سستي سبب توجه نه ڏئي سنڌ دشمني ڪري رهي آهي هن گهر ڪئي ته هن اسڪول کي جلد عمارت ڏئي معصوم ٻچڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي انهي موقعي تي روزيدار والدين ۾ راشن پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 29

ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪبا فواد محمود صدر ڪي يو جي ورڪر جرنلسٽس پروٽيڪشن بل پيش ڪرڻ باوجود به صحافي عدم تحفظ جا شڪار آهن جنرل سيڪريٽري زيشان احمد صديقي خبرموجب ڪي يو جي ورڪرز جي سينئر نائب صدر علي سرور کي ڪراچي جي هڪ سياسي جماعت جي ڪارڪنن پاران ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي صدر ڪي يو جي ورڪرز فواد محمود ۽ جنرل سيڪريٽري زيشان احمد صديقي پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته ڪراچي جي هڪ سياسي جماعت جي ڪارڪنن پاران ٽوئيٽر اسپيس تي صحافي ۽ سينئر اينڪر پرسن علي سرور کي موتمار ڌمڪيون ملڻ تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي انهن چيو ته هي سڌوسنئون آزاد صحافت تي حملو آهي جيڪو ڪڏهن به قابل قبول نه هوندو انهن چيو ته ڌمڪيون ڏيندڙ کي سنڌ پوليس فورن گرفتار ڪري ڪيس قانوني ڪاروائي ڪري صحافي علي سرور کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته جرنلسٽس پروٽيڪشن بل سنڌه اسيمبلي مان وڏي اڪثريت سان پاس ٿيڻ باوجود به ان تي عمل نه ٿيو ۽ صحافين کي حراسان ڪرڻ معمول بڻجي ويو آهي جنهن سبب صحافي عدم تحفظ جو شڪار بڻل آهن جڏهن ته علي سرور کي ملندڙ ڌمڪين مان اسين ڊڄڻ وارا ناهيون ڪي يو جي پنهنجي سينئر نائب صدر سان گڏ هر وقت موجود آهيون جڏهن ته ڌمڪيون ڏيندڙن کي پنهنجي انجام تي پهچائيندا سين ۽ هڪ گڏجاڻي جي تحت ملوث ماڻهن خلاف هر سطح تي قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا سنڌيار 30

مظاهرو ڪيو پ ٽ الف اڳواڻن جو چوڻ هو ته دادو ضلعي ۾ استادن جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تعليمي اختيارين وٽ سنجيدگي نه آهي جنهن ڪري مجبورن اسان تدريسي عمل مڪمل ڪرڻ بعد احتجاج ڪري تعليمي اختيارين کي واضع ڪيون ٿا ته گذريل 9 مهينن کان ڊيوٽيون ڪندڙ استادن کي پگهارون نه مليون آهن جنهن ڪري نوان استاد مالي طور تي سخت پريشان آهن، اپگريڊيشن جون لسٽون مڪمل هجڻ باوجود ان تي عمل نه ڪيو ويو آهي، بائيو ميٽرڪ سسٽم سبب غير حاضري جاٿائي ڊي اي او پرائمري پاران ڏنل استادن کي سزائون ختم ڪيون وڃن

بقايا سنڌيار 31

ورڪر آهي پ پ قيادت 2008 ۾ اوقاف کاتي سکر ۾ ڪانٽريڪٽ تي نوڪري ڏياري هئي ڪجھ سالن ڪانپوءِ ڪيس پڪو ڪرڻ بجاءِ 2012 ۾ نوڪري مان ئي جبري برطرف ڪري بي روزگار ڪيو ويو ڪيترن ئي سالن کان بي روزگاري سبب گهر ۾ فاقه ڪشي واري صورتحال آهي پئسا نه هجڻ ڪري بيمار گهر ڀاتين جو علاج به نه ٿو ڪرائي سگهان پرويز ميراڻي پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آصف علي زرداري ۽ اوقاف کاتي سنڌ جي وزيرسيڪريٽري اوقاف کي اپيل ڪئي آهي ته نوڪري بحال ڪري فاقه ڪشي کان بچائڻ سميت عيد جون خوشيون ملهائڻ لاءِ نوڪري بحال ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 32

ڪڍي ڇڏيو آهي تازو ڪٽڪ ۽ سرنهن جو فصل لٿي ڪٽي ڪپائي

ڇڏي اٿس منع ڪرڻ تي جان جو ويري بڻجي ويو آهي پيرسن پيءُ غلام مصطفي ڏهراج جون دانهون احتجاج ڳوٺ سلطان ڏهراج واسي پيرسن پيءُ غلام مصطفي ڏاهراج ٿاڻي تي پهچي احتجاج ڪندي صحافين کي روئيندي ٻڌايو ته نافرمان پٽ محمد عباس ڏهراج چور لوفر باٿجي سونا زيور سميت گهر جو الہ تلہ ڪپائي ڇڏيو اٿس جڏهن ته تازو سرنهن ۽ ڪٽڪ جو فصل لٿي پڻ ڪپائي ڇڏيو آهي جنهن کي اهڙي عمل تي روڪڻ تي مونکي ۽ سنڌس پيرسن امڙ کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن ڪري مان ٿاڻي تي تحفظ لاءِ پهتو آهيان ٿاڻي تي نافرمان پٽ خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس بااثرن جي ونگار تي ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي اسان زال مڙس کي ظالم پٽ مان جان جوخطرو آهي هن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان تحفظ ۽ نافرمان پٽ جي گرفتاري جي اپيل ڪئي.

بقايا سنڌيار 33

جنهن ۾ وڪيل اڳواڻ ملڪ جي موجوده صورتحال ۾ گڏجي جدوجهد ڪرڻ جو وچن ورجايو. ڪانفرنس جو مهمان خاص سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ حليم عادل شيخ هيو. انصاف لائيرز فورم سنڌ جي آرگنائيزر (ر) جسٽس نورالحق اين قريشي پاران منعقد ڪيل ڪانفرنس ۾ پي ٽي آءِ سنڌ جي اڳواڻ خاوند بخش جهيجو، انصاف لائيرز فورم حيدرآباد ڊويزن جي آرگنائيزر شفيع محمد پيرزاده، انصاف لائيرز فورم سنڌ جي ڊپٽي آرگنائيزر علي اڪبر جوٽيجو، ايڊوڪيٽ علي پلھ، منارٽي ونگ جي اڳواڻ پڳونداس پيل، احمد رشيد، بدرالدين ميمڻ، عبدالحڪيم چانڊيو، شاڪر نواز شر، سعد سلمان، عبدالغفور پيرزاده، مس رحمت آصف هاشمي، شاهده غني، انيلاجيساڻي، نويد الله ايم پي، اسحاق ايڇ قريشي، سميت سوين وڪيلن شرڪت ڪئي، ڪانفرنس کي خطاب ڪندي حليم عادل شيخ چيو ته موجوده وقت ۾ آئين جي حڪمراني جي اشد ضرورت آهي جنهن لاءِ اسان وڪيلن سان گڏجي جدوجهد ڪنداسين ۽ موجوده صورتحال ۾ آئين جي اصل روح کي بحال ڪرڻ ۾ وڪيل اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته 2007ع جي وڪلين جي تحريڪ جمهوريت لاءِ هئي ۽ اڄ وري اهڙي تحريڪ جي ضرورت آهي، حليم عادل شيخ چيو ته اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏنل آئين کي بچائڻ ۾ سنڌس ڏوهٽي بلاول ڀٽو ۽ سنڌس ڄاڻي آصف علي زرداري جي ڪردار ادار ڪرڻ گهرجي ۽ سياسي اڳواڻن تي بنا جواز هٽ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪرڻ سان انارڪي ڦهلجندي، هن وڌيڪ چيو ته مان جڏهن اپوزيشن ليڊ نه هوس ته مون تي هڪ به ڪيس نه هيو هاڻي مون تي 29 کان وڌيڪ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ حڪومت پاران پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان تي 80 ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن جنهن جو مقصد اسان کي ڊيڄارڻ آهي پر اسان ثابت قدم رهنداسين، حليم عادل شيخ چيو ته هن وقت عوام مهانگائي کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ اٽي جي لپ لاءِ عورتون تذليل جو شڪار ٿي رهيون آهن. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي انصاف لائيرز فورم سنڌ جي آرگنائيزر (ر) جسٽس نورالحق اين قريشي چيو ته طاقتور ڌريون اسان جو آواز دٻائڻ چاهين ٿيون پر اسان ڪنهن به صورتحال ۾ پوئتي نٿا هٽي سگهون ۽ اسان آئين جي بالادستي تي يقين رکون ٿا ۽ هر حال ۾ سپريم ڪورٽ سان گڏ آهيون هن چيو ته هر اداري کي پنهنجي حدن اندر رهي ڪم ڪرڻ گهرجي، ڪانفرنس ۾ متفق راءِ سان ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته جبري گمشدگين جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي ۽ ادارن تي دٻاءُ وجهي من پسند فيصلا ڪرائڻ جي روڪٿام ٿيڻ گهرجي،

بقايا سنڌيار 34

ڪن موبائلون سان مٽياري جي ويجهو ڳوٺ ميمڻ جي وسين ۾ لڳل منشيات جي ڪارخاني تي ڇاپو لکين روپين جي منشيات ۽ مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ چورو هٿ ۽ ڪارخاني تي لڳل مشينون پڻ مٽياري پوليس هٿ ڪري ورتيون ذرائع موجب منشيات فروشن پاران پوليس تي پٿراءُ ڪيو ۽ قومي شاهراه بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي 3 ڄڻن کي گرفتاري ڪيو ويو ايس ايڇ او مٽياري ذوالفقار اوڏاٿو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ان شاءَ الله مٽياري مان منشيات جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو ۽ اڃا وڌيڪ ڪاروائيون ڪيون وينديون.